اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل
جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار
ڪتابي سلسلو_8

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ



**سرپرست**
پروفيسر سيد عباد الله راشدي

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انيڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرگڙي
نديم احمد سولنگي


رجب المرجب، شعبان المعظم ١٤٣١ هه مطابق جولاءِ 2010ع

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول ﷺ | ادارو | 4 |
| تعليمات امام شاهه ولي الله | ادارو | 5 |
| اسماءُ الله الحسنيٰ | حضرت روضي ڏتي | 7 |
| سامراجي مقصدن ۾ معاون طبقو | چيف ايڊيٽر | 8 |
| مغضوب عليهم ۽ ضالين جو گروهه | مولانا محمد انس راڄپر | 10 |
| حيرت انگيز شخصيت | مولانا محمد سليمان طاهر | 14 |
| گهر ڀاتين سان پاڪ سڳورن ﷺ جو رويو | مولانا شعيب الرحمان کهڙو | 16 |
| شخصيت جي تعمير ۽ اسلام | عبداللطيف نانگراج | 19 |
| قرآن مجيد محققن ۽ ڏاهن جي نظر ۾ | علامه عبدالله منهاس | 27 |



**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 021-35000278موبائل: 03132707097

www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com


الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

## خدا جو خوف

سورت اعراف جي آيت نمبر 35 ۾ آهي:

فَمَنِ اتَّقٰى وَ اَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٥﴾

”پوءِ جيڪو الله کان ڊڄي ٿو ۽ نيڪ عملن سان پنهنجي تعمير ڪري ٿو، ان کي ڪنهن به قسم جو نه خوف رهندو ۽ نه ئي ڪو غم“

هن آيت مبارڪ ۾ انسان ڪي عملي زندگيءَ جو هڪ اصول ٻڌايو ويو آهي ته جيڪو انسان خدا تعاليٰ جو خوف ڪندو، ان کي ڪنهن شيءِ جي وڃائڻ جو ڪو ڊپ نه رهندو ۽ نه ئي وري ڪنهن شيءِ جي حاصل نه ڪرڻ تي ڪو ڏک ڪندو.

اصل ۾ ”خدا جو خوف“ ڪا انفعالي يا سلبي صفت يا وقتي طور اڀرندڙ جذبو ناهي ۽ نه ئي وري ڪنهن نفسياتي ڪيفيت جو نالو آهي. بلڪ هڪ اهڙو جذبو آهي جيڪو انسان جي عملي قوتن کي هر وقت متحرڪ رکي ٿو. نه صرف عملي قوتن ۾ تحرڪ پيدا ڪري ٿو بلڪ انسان کي هڪ اهڙو نور يا روشني به عطا ڪري ٿو جنهن سان انسان شين ۾ صحيح ۽ غلط جي نکيڙ به ڪري سگهي ٿو. پر جيڪو انسان خدا جو خوف نٿو ڪري، بلڪ پنهنجن خواهشن جو غلام بڻجي پنهنجن خواهشن، مفادن، طاقتور قوتن يا ٻين جو خوف ٿو، ڪري ته ان سان جي دل تي زنگ چڙهي وڃي ٿو. سندس سوچ جا زاويا بدلجي وڃن ٿا. نتيجي ۾ غلط شين کي صحيح ۽ صحيح شين کي غلط ڏسڻ لڳي ٿو، جنهن کي اڄ جي زبان ۾ (Perversion) چيو وڃي ٿو.

قرآن شريف ۾ چيو ويو آهي ته: ”الله تعاليٰ پنهنجي روح منجهان هر انسان ۾ ڦوڪي رکيو آهي.“ (الحجر: 29) تنهن ڪري انسان جو روح فطري طور تي الله جي محبت جو ديوانو آهي ۽ خدا جي محبت انسان جي روح جو مرڪز به آهي.

روح صرف الله سان محبت ئي نٿو ڪري، بلڪ ان ”روح ڪلي“ منجهان ڦوڪيل هئڻ ڪري پنهنجي اندر صحيح آزاديءَ جي بي پناهه تڙپ ۽ جستجو به رکي ٿو. ٻين لفظن ۾ هر روح فطرتاً آزاد آهي ۽ آزاديءَ کي ئي قبول ڪري ٿو.

آزاديءَ جو جذبو انسان کي بي خوف ڪري ڇڏيندو آهي. پوءِ اهڙو انسان ڪنهن کي حق ڳالهه چوڻ يا حق تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪنهن کان به نه ڊڄندو آهي. آزاديءَ جي جذبي جو ڏيئو صرف خدا جي خوف جي تيل سان چمڪندو ۽ ٻرندو آهي، نتيجي ۾ انسان جي علمي ۽ عملي قوتن جي هر وقت نشو و نما ٿيندي رهندي آهي. ڇاڪاڻ ته حق ڳالهه چوڻ يا حق تي قائم رهڻ کان ٻه ڳالهيون انسان کي پري رکنديون آهن: هڪ نقصان جو خوف، ٻيو فائدي جي اميد. اها به اصل ۾ نقصان جي خوف جي ئي ٻي صورت آهي.

پر جڏهن روح الله جي محبت سان سنورجي، ان جي رنگ ۾ رنگجي وڃي ٿو ته ان کي خوف صرف پنهنجي محبوب جي ناراضگيءَ جو ٿي رهي ٿو ۽ ائين ان جي اميد جو محور ۽ مرڪز به اهو ٿي رهي ٿو. پوءِ اهو هن ڪائنات جي هر ذري ۾ پنهنجي محبوب ذات کي ڏسندو ۽ ان کي صاف نظر ايندو ته هر شيءِ ۾ ان جو حڪم هلي ٿو، ڪٿي جو ظاهر ۾ اسبابن جا پردا پيل هوندا.

حقيقت ۾ ان ٿي روح کي حقيقي آزادي ۽ بي باڪي ملندي جيڪو پاڻ کي خدا جي خوف سان ملائي ڇڏيندو. ڇاڪاڻ ته خدا جو خوف ٿي سيني مصنوعي خوفن جي پاڙ پٽي ٿو ڇڏي. خدا جو خوف، خدا سان محبت مان جنم وٺندو آهي. خدا سان محبت، انساني روح جي فطرت ۾ سمايل آهي، پر ان کي "شعوري محبت" ۾ تبديل ڪرڻ انسان جي زندگيءَ جو مقصد آهي. ۽ هي به عجيب تماشو آهي ته الله جي محبت ۾ "گرفتاري" سان "حقيقي آزادي" حاصل ٿئي ٿي ۽ الله جي محبت کان "آزادي" ۾ "بدترين قسم جي گرفتاري" حصي ۾ اچي ٿي.

****

## تمدن ۽ احتساب

مذهب جا سيئي ارڪان سڌي يا اڻ سڌي طرح تمدن سان تعلق رکن ٿا ۽ وري احتساب سموري تمدني دنيا تي حاوي آهي. بلڪ سلطنت ۽ حڪومت کي به (جيڪي تمدن جون محافظ آهن) احتساب ئي پيدا ڪيو آهي. فطرت جو هي قانون اوهان کي معلوم هوندو ته هر شيءِ خير ۽ شر سان مليل آهي، جنهن ڪري انسان کي هر وقت هوشيار ڪرڻ ۽ جاڳائڻ جي ضرورت رهي ٿي، ته جيئن هو ماکي جي بجاءِ زهر نه کائي وڃهي، ۽ لعل جي بدلي ۾ اڱرن کي نه ڪٽي. جيڪڏهن ڪو شخص وحي جي ذريعي ان فرق کي سچائي قائم رکي ٿو ته اهو پيغمبر آهي. جيڪڏهن ڪو شخص فلسفي ۽ اخلاقي اصول ۾ اهو راز ٻڌائڻ چاهي ٿو ته اهو فيلسوف آهي. جيڪڏهن ڪو شخص حڪومت جي طاقت سان ان فرض کي ادا ڪري ٿو ته اهو حاڪم آهي. جيڪڏهن ڪو شخص واٽ تي ويهي انڌن کي راهه ڏيکاري ٿو ته اهو خدا جو نيڪ ٻانهو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص ماڻهن کي بازار جا اگهه صحيح ٻڌائي ٿو ته اهو ايماندار واپاري آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو صرف سچائي ۽ حق سمجهي ڪري ان جو واعظ ۽ نصيحت ڪري ٿو ۽ نيڪي جو دروازو کولي ٿو ته اهو مومن ۽ مسلمان آهي.

(صدين جون صدائون، مولانا ابوالڪلام آزاد ص: 241)



## حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

اَلْقُضَاةُ ثَلَاثَةٌ وَاحِدٌ فِي الْجَنَّةِ وَاِثْنَانِ فِي النَّارِ فَاَمَّا الَّذِي فِي الْجَنَّةِ فَرَجُلٌ عَرَفَ الْحَقَّ وَقَضٰى بِهٖ وَرَجُلٌ عَرَفَ الْحَقَّ وَجَارَ فِي الْحُكْمِ فَهُوَ فِي النَّارِ وَرَجُلٌ قَضٰى لِلنَّاسِ عَلٰى جَهْلٍ فَهُوَ فِي النَّارِ

(ابوداؤد، ترمذي، ابن ماجہ)

ترجمو: فيصلو ڪندڙ ٽن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙا جنت ۾ ويندا ۽ ٻه جهنم جو ٻل ٻٽبا. جيڪو قاضي يا فيصلي جو امير جنت ۾ ويندو. اهو شخص هوندو جيڪو حق کي سڃاڻي ۽ ان مطابق فيصلو ڪري. ٻيو اهو شخص جيڪو حق کي سمجهي ۽ سڃاڻي پر فيصلي ۾ ظلم ڪري. ٽيون شخص جيڪو فيصلي متعلق ڪا به ڄاڻ نه رکي پر تنهن هوندي به ماڻهن جا فيصلا ڪندو رهي. پويان ٻئي شخص جهنم ۾ ويندا.

تشريح: فيصلي جو امير ٻڻجڻ هڪ وڏي خدائي ذميواري آهي جيڪا خدا جي حڪمن مطابق انصاف، عدل ۽ ڀلائيءَ جي طريقي سان نڀائڻي آهي. انهي ڪري شريعت ۾ به هي چيو ويو آهي ته، قاضي جو عهدو اهڙي شخص کي ڏنو وڃي جنهن ۾ هيٺيان شرط موجود هجن.

(1) اسلام، (2) عقل، (3) بالغ هجڻ، (4) آزاد هجڻ، (5) ڪتاب ۽ سنت جي ڄاڻ هجڻ.

شرعي طور تي قاضي جي وصفن ۾ هي ڳالهيون لازمي هجڻ گهرجن:

- معاملن ۾ سخت هجڻ گهرجي. اهڙو نرم نه هجي جنهن سان ڪمزوري سامهون اچي ۽ ماڻهو غلط اميدون هن ۾ رکڻ شروع ڪن. پر اهڙو هجي جو "صاحب حق" هن کان نه ڊڄي.
- طبيعت ۾ بردبار هئڻ گهرجي. ڪم عقل ۽ جهڳڙالو نه هجي.
- معاملي جي سمجهه رکڻ جو استعداد ڪامل طريقي سان هجي.
- "مجلس قضا" شهر جي وچ ۾ ۽ ڪشادي جڳهه تي هجي تان ته اچن وڃڻ ۾ آساني رهي.
- مجلس ۾ فقيهه ۽ دانشور موجود رهن تان ته قاضي انهن سان مشورو ڪري سگهي.
- ڪاوڙ، بيماري، بک، اڃ، سخت گرمي ۽ سردي، طبيعت ۾ پريشاني وقت قاضي کي هرگز فيصلو نه ڪرڻ گهرجي.
- شاهدن جي عدم موجودگي ۾ فيصلو نه ڪيو وڃي.
- پنهنجي ۽ مائٽن جي معاملي ۾ پيش ايندڙ مقدمي جو فيصلو نه ڪري.
- فيصلي ۾ ڪنهن به ذُر ڪان فائدو - رعايت يا رشوت قبول نه ڪري.

(بخاري-مسلم-ترمذي-مستدرڪ حاڪم)

# تعليمات امام شاهہ ولي الله رحمة الله عليه

## خير ۽ شر جي حقيقت

شاهہ صاحبؒ حجة الله البالغہ ۾ شر جون ٻہ وصفون بيان ڪيون آهن:
1. عدم صدور مايقتضيہ سببہ
2. صدور ضد مايقتضيہ سببہ

يعني سبب جي تقاضا مطابق شيءِ جو وجود ۾ نہ اچڻ ”شر“ آهي. يا اهڙي شيءِ وجود ۾ اچي جيڪا سبب جي تقاضا جي خلاف هجي.

مثال طور: باهہ جو ڪم آهي ساڙڻ ۽ چاقوءَ جو ڪم آهي ڪپڻ، هاڻي جيڪڏهن باهہ ساڙي نہ ٿي، تہ اهو شر آهي. يا وري ساڙڻ جي جاءِ تي ٿڌي هوا ڏئي تہ اهو بہ شر آهي. اهڙي طرح چاقوءَ جو ڪم آهي ڪپڻ، جيڪڏهن چاقو ڪپي نٿو تہ اهو شر آهي يا وري ڪپڻ جي جاءِ تي جوڙي تہ اهو بہ شر آهي. ان وصف مان خير جي وصف بہ خود بخود نڪري ٿي.

يعني: 1. صدور ما يقتضيہ سببہ 2. عدم صدور ضد ما يقتضيہ سببہ

مطلب تہ شيءِ جو پنهنجي سبب جي تقاضا مطابق وجود ۾ اچڻ ”خير“ آهي ۽ اهڙي طرح سبب جي تقاضا جي خلاف شيءِ جو وجود ۾ نہ اچڻ، ان جو نالو بہ خير آهي. جيئن باهہ جو ساڙڻ ۽ چاقوءَ جو ڪٽڻ، اهو خير آهي. ڇو تہ اهو سبب جي تقاضا جي مطابق آهي. هن ڪي علت ۽ معلول جو قانوني سلسلو (Law of cause and effect) چيو ويندو آهي

شر ۽ خير جي هڪ ٻي معنيٰ بہ آهي.

شر جي معنيٰ: اهڙي شيءِ پيدا ٿي جنهن جو پيدا ”نہ ٿيڻ“ ڀلو هو. يا اهڙي شيءِ جي مخالف شيءِ پيدا ٿي جنهن جو پيدا ٿيڻ ضروري هو.

خير جي معنيٰ: ڀلي شيءِ جو ٿيڻ يا ضروري شيءِ جو وجود ۾ اچڻ.

مثال طور: تلوار جو ڪم ڪٽڻ آهي. هاڻي تلوار ڪنهن انسان جو هٿ ڪٽيو. هاڻي ان عمل کي هن لحاظ سان ڏسجي تہ ”لوهہ جي خاصيت ڪٽڻ آهي“ تہ اهو عمل خير آهي. (ڇاڪاڻ تہ سبب جي تقاضا مطابق شيءِ وجود ۾ آئي آهي.) پر ان سان هڪ انسان جو عضوو وڍجي پيو. ان اعتبار کان اهو عمل شر آهي (ڇو تہ انسان جي عضوي جو وڍجڻ خراب آهي، ان جو نہ وڍجڻ ڀلو آهي. تنهن ڪري ان عمل سان اهڙي شيءِ پيدا ٿي جنهن جو پيدا ”نہ ٿيڻ“ ڀلو هو.

اهڙي طرح حضرت ابراهيم عليہ السلام جي باهہ واري واقعي تي نظر وجهو. باهہ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي ساڙيو نہ، بلڪ ٿڌي هوا ٻڻجي وئي. ان لحاظ کان اهو شر آهي. (ڇو تہ سبب جي تقاضا پوري نہ ٿي. اهڙي شيءِ صادر ٿي جيڪا سبب جي تقاضا



جي خلاف آهي.) پر اهو هن لحاظ کان خير آهي تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام، جيڪو خدا تعاليٰ جو پيغمبر هو ان جو بچڻ ضروري هو، ان جو سڙڻ خراب هو. تنهن ڪري ”ڀلي شيءِ جو ٿيڻ“ يا ”اهڙي شيءِ جو ٿيڻ جيڪا ضروري هئي“ خير آهي.

خلاصو: هن پوري بحث جو خلاصو هي آهي تہ خير ۽ شر اضافي صفتون آهن. يعني هڪ شيءِ هڪ اعتبار کان ڀلي هوندي تہ ٻئي اعتبار کان شر هوندي. اها ڳالهہ مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي مثالن مان چڱي طرح سمجهي سگهجي ٿي. اسان جي هن ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي ڪري توهان هيءَ ڳالهہ سمجهي سگهو ٿا تہ جڏهن ڪنهن شيءِ جو عام علت ۽ معلول جي قاعدي (Law of cause and effect) مطابق وجود ۾ اچڻ ضروري هوندو آهي پر ان شيءِ جو وجود ۾ اچڻ، مصلحتِ عامہ يا مفاد عامہ جي خلاف هوندو آهي تہ پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي قدرت ۽ حڪمت سان ان علت ۽ معلول جي قاعدي جي لزوم کي چئن طريقن سان تصرف ڪري ختم ڪندو آهي. (1) قبض (اسبابن ۾ رکيل طبعي اثر کي يا شين جي صلاحيتن کي بند ڪري ڇڏڻ) (2) بسط (شين جي طبعي صلاحيتن ۽ قوتن ۾ اضافو ڪرڻ) (3) احالهہ ( شين جي طبعي اثرن کي تبديل ڪرڻ) (4) الهام (دل ۾ سٺي ڳالهہ داخل ڪرڻ)

هاڻي توهان کي انهن مسئلن ۾ بظاهر شر نظر ايندو. هن معنيٰ ۾ تہ شيءِ پنهنجي سبب جي تقاضا مطابق پيدا نہ ٿي آهي يا ان جو ضد پيدا ٿيو آهي. پر انهن مسئلن ۾ هن اعتبار سان خير آهي تہ جيڪا شيءِ ڀلي هئي، جنهن جو ٿيڻ ضروري هو، اها ٿي آهي. (جيئن حضرت ابراهيم عليہ السلام جي باهہ واري واقعي ۾ ٿيو.)

پر ڪٿي عام قانون، علت ۽ معلول (Law of cause and effect) جي رعايت رکي وڃي ۽ ڪٿي وري انهن جي تقاضائن جي خلاف عمل ڪيو وڃي، اهو الله جو راز ۽ ان جي حڪمت سان جڙيل آهي، جنهن لاءِ ڪو بہ بني بشر حتمي قاعدو نٿو ٻڌائي سگهي. اسان جيڪو چيو تہ شر ۽ خير اضافي صفتون آهن. ان ڳالهہ کي چڱي طرح سمجهڻ کان پوءِ هي ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ شين ۾ تخليقي مقصد جي لحاظ کان ڪا بہ برائي ناهي، ان ۾ ڪٿي بہ شر جو نالو نشان ئي ڪونهي. ڪا بہ شيءِ، عمل، حادثو، واقعو، مطلب تہ هر شيءِ جيڪا وجود ۾ اچي ٿي اها تڏهن ئي وجود ۾ اچي ٿي جڏهن ان جو وجود ۾ اچڻ ضروري آهي. جڏهن اها مصلحتِ عامہ جي تقاضا جي موافق آهي. جڏهن اها ڪائنات جي طبعي تقاضا آهي. ان لحاظ سان هر شيءِ ڀلي آهي. ڪا بہ خراب ناهي. پوءِ ڀلي اها علت ۽ معلول جي عام قاعدي جي مطابق هجي يا ان جي مخالف، گويا مصلحتِ عامہ جي موافق هجڻ يا ڪائنات جي طبعي تقاضا هجڻ، خود وڏيءَ ۾ وڏي علت ۽ سبب آهي جيڪو ٻين سمورن علتن ۽ سببن جي مٿان حاوي ۽ غالب آهي.

(هن خيال کان جيڪو ڪائنات ۾ غور ۽ فڪر ڪندو، اهو ڪيترن ئي منجهائيندڙ مسئلن کي آساني سان حل ڪري سگهندو ۽ خدا جي حڪمت جي باري ۾ ڪڏهن بہ شڪ ۽ شبهي ۾ نہ پوندو).

# اسماءُ اللّٰہ الحسنيٰ: حضرت روضي ڏٽي رحمة الله عليه

## المؤمن

الله تعاليٰ جي بابرڪت نالن مان هڪ نالو ”مومن“ آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي، ”امن جا اسباب پيدا ڪري، خلق کي دنيا ۾ امن امان بخشيندڙ“. جهڙي طرح ظاهري عضوا، حواس، غذا، دوا، گهر،ڪوٽ قلعا، هٿيار، لشڪر، مددگار ساٿي وغيره دنيا جي تڪليفن کان بچاءُ ڪن ٿا، اهڙيءَ ريت وري توحيد واري ڪلمي سان آخرت جي آفتن کان ماڻهن کي امان ڏيندڙ آهي. جيئن هڪ قدسي حديث ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو، ته الله جل جلاله جو فرمان آهي:

لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ حِصۡنِیۡ وَمَن دَخَلَ فِی حِصۡنِیۡ اَمِنَ مِنۡ عَذَابِیۡ

يعني، ”لااله الاالله“ منهنجو ڪوٽ آهي، جيڪو ان ۾ داخل ٿيو، اهو منهنجي عذاب کان محفوظ ٿي ويو. بيشڪ اهو ڪلمو ته سمورين دنياوي آفتن ۽ آخرت جي عذابن کان هڪ ڪوٽ آهي. اهو سمورين جاندار توڙي بي جان شين کي هڪ جاءِ جمع ڪري، انهن جي حفاظت جا اسباب مهيا ڪري ٿو، انهن کي ختم ٿي وڃڻ ۽ برباد ٿيڻ کان بچائيندڙ آهي، تنهن ڪري ان حقيقي امان ۽ تحفظ ڏيندڙ باري تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽان به ڪا امان نٿي ملي سگهي. ڪن بزرگن جو چوڻ آهي ته ”المؤمن“ جي معنيٰ آهي اها ذات، جيڪا پنهنجي ڪلام ۽ معجزن ذريعي رسولن سڳورن عليٰ نبينا وعليهم السلام جي تصديق ڪندڙ ۽ ان سان گڏ هي سمورو سنسار سجائي پنهنجي ذات جي پڻ تصديق ڪندڙ هجي.

**تعلق**

هن اسم شريف سان تعلق جي واٽ هيءَ آهي، ته ماڻهو دل جي يقين سان ڄاڻي ته نفس جي شر ۽ شيطان جي فريب کان الله تعاليٰ ئي امان ڏيندڙ آهي ۽ پوءِ ان جي بارگاهه ۾ التجا ڪري ۽ ان وٽان ئي سمورين ظاهري ۽ باطني آفتن کان امن گهرندو رهي.

**تخلق**

هن اسم شريف جي تخلق (صفت اپنائڻ) جوهي طريقو آهي ته معرفت الاهي جو طالب مخلوق کي پنهنجي شر کان سلامت رکي ۽ انهن جي مٿان ديني توڙي دنيوي خوف ۽ خطري ٽارڻ جي ڪوشش ڪري. الله جل جلاله جي اسم ”المؤمن“ سان موصوف ٿيڻ جو سيني کان وڌيڪ لائق اهوئي شخص آهي، جيڪو خلق لاءِ امن ۽ سلامتيءَ جو سبب بڻجي، دين ۽ دنيا ۾ انهن کي صحيح راهه ڏيکاري ڪين حق ۽ هدايت جو صحيح طريقو ڏسي ۽ انهن جي ڇوٽڪاري جو ذريعو بڻجي.

**تعبد**

عبدالمومن: مومن جو ٻانهو اهو شخص آهي، جنهن کي الله تعاليٰ عذاب ۽ مصيبتن کان امن ۾ رکيو هجي، ۽ وري ان جي شر کان ٻيا ماڻهو توڙي انهن جو مال ۽ سامان سلامت رهيو هجي.



ايڊيٽوريل

چيف ايڊيٽر

# سامراجي مقصدن ۾ معاون طبقو

ويهين صديءَ ۾ ٻه عالمگير لڙايون لڳيون. اهي ٻئي لڙايون ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ ئي پنهنجي انجام تي پهتيون. اهو دور برصغير ۾ سامراج جي اقتدار جو دور هيو. انگريز سامراج، فوج جي تنظيم ۽ سکيا، پنهنجن سامراجي مقصدن جي پوري ڪرڻ لاءِ پوري ڪوشش سان سٺي نموني سان ڪئي. برصغير جي فوج ۾ پنجابي، سک، گورکا، مرهٽا ۽ پٺاڻ ڀرتي ٿيل هئا. انهي فوج ذريعي هڪ سؤ سال تائين ايشيا ۽ آفريڪا جي هر حصي، جزيري ۽ ملڪ تي سامراجي مقصد پورا ٿيندا رهيا. برصغير جي فوج سامراجي مقصدن جي تڪميل خاطر ڀرپور جنگي صلاحيتون استعمال ڪيون. وطن کان دربدر، ملڪ کان ڏور سالن جا سال مختلف جزيرن ۽ سمنڊ جي ڪنارن تي، ڪيمپن جي زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيا ويا. ٻي عالمگير جنگ کان پوءِ يورپ اقتصادي طرح تباهه ٿي ويو. پوءِ مسلم ملڪن ۾ سندس جوڙيل ڪالونيون قبضي هيٺ رکڻ ۽ ڪين غلام بڻائڻ جون رٿائون ۽ سازشون آهستي آهستي ناڪام ٿينديون ويون. تان ته هو مجبوري جي حالت ۾ آزادي ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ان موقعي تي انگريز کي برصغير کان جدا ٿيڻ وقت فوج، جنهن کي هن پاليو ۽ نپائيو هو ۽ جنهن کي هڪ منظم قوت بڻايو هيو. انهن لاءِ هڪ بااختيار ۽ الڳ ملڪ جي ضرورت هئي. پر ساڳئي وقت پاڪستان جي الڳ وجود متعلق ڀريائين انگريز کي تردد هيو. شايد انگريز کي اهو به خوف هجي ته پاڪستان مٿان هڪ نظرياتي رياست بڻجي اسلام جي ٻيهر اُڀار لاءِ رستو هموار ڪري. پر پوءِ آهستي آهستي حالتون واضح ٿينديون ويون ۽ جڏهن اها ڳالهه چٽي طرح سامهون آئي ته پاڪستان هڪ لاديني رياست جي طور تي سامهون ايندو ۽ ان سلسلي ۾ انگريز سامراج سان ڪجهه سيڪيولر ۽ لادين سياسي ليڊرن جون ملاقاتون تفصيل سان ٿيون، جن ۾ محمد علي جناح، آغا خان سوم، راجه آف محمود آباد ۽ ظفر الله قادياني شامل هئا. انهن انگريز کي يقين ڏياريو ته ڇا اسان جهڙن ماڻهن جي قيادت ۽ موجودگي ۾ پاڪستان هڪ اسلامي رياست ٿي سگهي ٿو؟

هي نئون ملڪ انگريز جي رائج سياسي اصولن هيٺ جمهوري، سيڪيولر، سرمايه دارانه نظام کي هٿي ڏيندڙ، سوشلسٽ مخالف ملڪ وجود ۾ ايندو. هن ملڪ جا يورپ ۽ آمريڪا سان نهايت گهرا ۽ دوستانه تعلقات هوندا. يورپ سان ڪا به مزاحمت نه ٿيندي. اهڙين يقين دهاني کان پوءِ انگريز سامراج پاڪستان جي قيام تي راضي ٿي پيو ۽ مسلم ليگ جي پاڪستان تحريڪ لاءِ راهه هموار ٿيندي وئي پر انگريز جي جيئن ته مسلم دشمني واضح هئي، تنهن ڪري هو پاڪستان جي قيام لاءِ تيار ته ٿيو پر اهڙي لولي لنگڙي پاڪستان لاءِ جنهن سان مسلمانن جي مقصدن ۽ نظرين کي آئينده لاءِ به ڪڏهن تحفظ حاصل نه ٿي سگهي. محمد علي جناح کي اها ئي خوشي ڪافي هئي ته ڪيس حياتي جي ڪجهه آخري ڏينهن ۾ هو پاڪستان کي حاصل ٿيندو ڏسي سگهي ۽ هو پويان ڏينهن ”گورنر جنرل پاڪستان“ جي عهدي تي فائز رهندي وفات ڪري وڃي.

پاڪستان کھڙي طرح جناح کي ڏنو ويو ۽ جنهن تي هو راضي ٿيو. بنگال ٻن حصن ۾ تقسيم، پنجاب ٻن حصن ۾ تقسيم، پنجاب جو پاڪستان سان ملحق حصو جنهن ۾ مسلم اڪثريت هئي، اهو به انڊيا کي ڏنو ويو. حيدرآباد دکن ۽ جوناگڙهه تي غاصبانو قبضو ڪرايو ويو ۽ ڀارت سان ان جو الحاق ٿيو. ان کان پوءِ ڪشمير ۾ بين الاقوامي بددیانتي ڪري ان جو انڊيا سان الحاق ڪيو ويو

اهو آهي پاڪستان جو قيام- جنهن سان برصغير ۾ فقط مسلمانن جي تقسيم عمل ۾ آئي ۽ اڄ مسلمان هن برصغير ۾ هڪ اڪائي ۽ وحدت ناهن. مسلمان بنگال ۾، مسلمان پاڪستان ۾، مسلمان انڊيا ۾، مسلمان هندستاني ڪشمير ۾ ۽ پاڪستان ڪشمير ۾. پر ٻئي طرف وري ڏسو ته هندو هڪ هنڌ گڏ ٿي ويا. پاڪستان جي ٺاهيندڙن ۽ انهن جي نام نهاد حامين کي ٻڌڻ نٿو اچي ته اهڙي ملڪ کي اسلام جو قلعو، اسلام جو نظرياتي ملڪ، اسلام جي نشاة ثانيه لاءِ تجربي گاهه واري رياست قرار ڏيندا ٿا اچن. هاڻي جڏهن سڀ ڪجھ چٽو ٿي ويو آهي ته هي ملڪ سامراج جي مقصدن لاءِ ٺاهيو ويو هو ۽ هتي آمريڪا جا مقصد ئي نه، بلڪ هي ملڪ انهن جي ڪالوني بڻجي ويو آهي ۽ هتي آمريڪي فوج مسلمانن جو قتل عام ڪري رهي آهي تڏهن به عقل جا انڌا ائين پيا چون ته هي ملڪ اسلام لاءِ قربانيون ڏئي حاصل ڪيو ويو هو ۽ جناح صاحب ۽ ان جا حامي هن ملڪ ۾ اسلام ئي نافذ ڪن ها.

”بریں عقل وہمت بباده گريست“

محمد علي جناح، پاڪستان اچڻ کان پوءِ هن ملڪ لاءِ اعلان ڪيو ته هت هاڻي ”ٻه قومي نظريو“ نه هلندو. اهو نظريو پاڪستان ٺاهڻ لاءِ اختيار ڪيو ويو هو. هت هڪ قوم رهي ٿي ۽ رهندي. اها ”مسلم قوم“ نه، بلڪ ”پاڪستاني قوم“ هوندي. ڪاڏي ويو ”ٻه قومي نظريو“؟ ان نظريي کي ته خود جناح صاحب سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو. مگر سٺ سالن تائين ڪتابن ۾، سيمينارن ۾ ۽ بيانن ۾ ڪوڙ لکيو، پڙهايو ۽ ٻڌايو پيو وڃي. هن صدي جي ڪوڙ، منافقت، تلبيس ۽ دوکيبازي کي ورجائڻ جو اهڙو ڪو به مثال شايد دنيا جي تاريخ ۾ اوهان کي نه ملندو.

پاڪستان جن مقصدن خاطر حاصل ڪيو ويو هو اهي مقصد پوري طرح عمل ۾ اچي چڪا آهن. سامراج جي ڪالوني هي ملڪ بڻجي ويو آهي. سامراج طرفان ٿاڦيل حڪمران هن ملڪ تي حڪمراني ڪندا پيا اچن. آمريڪا نهايت سمجهداري سان پاڪستان کي قرضن ۾ جڪڙيندو پيو وڃي ۽ ان طرح غلامي جو ڦندو مضبوط ڪندو پيو وڃي.

حڪمران اهڙا لالچي، مفادپرست، ڪرپٽ ۽ عوام دشمن دستياب ٿي چڪا آهن جيڪي واري واري سان هن ملڪ تي غاصبانو قبضو، نام نهاد جمهوريت ۽ عوامي ووٽ ذريعي ڪندا رهن ٿا ۽ آئينده به ڪندا رهندا، جن مان عوام جو ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ظاهري طرح مشڪل نظر اچي رهيو آهي. انقلاب لاءِ اتحاد لازمي آهي. پر هن ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جو وجود اٽلپ آهي ته اهو آهي ”اتحاد ۽برداشت ڪرڻ“. ان ڪري اهڙي قوم کي سامراج جي غلامي ۽ پنهنجي ماڻهن جي طرفان ذلت وارو عذاب سهڻ لاءِ اڃان گهڻو عرصو تيار رهڻ گهرجي. پاڪستان جون موجوده حالتون هڪ وڏي عذاب کان گهٽ ناهن مگر عوام اهو عذاب ڀوڳڻ لاءِ پاڻ تيار آهي، هو ڪنهن تبديلي لاءِ پاڻ کي هموار ڪرڻ لاءِ اڃان سوچي به نٿو. انقلاب لاءِ اصول، نظريا، اقتدار ۽ جذبا ضروري هوندا آهن اسان انقلابي ڪتاب جي انهي باب تائين اڃان پهتا ئي نه آهيون.



**مولانا محمد انس راڄپر**

# مغضوب عليهم ۽ ضالين جو گروهه

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ قرآن شريف جي مقدمي (افتتاحيي) يعني صورت فاتحه ۾ هڪ دعا سيڪاري آهي، جيڪا اسان مسلمان هر نماز جي هر رڪعت ۾ پڙهندا آهيون. دعا جا لفظ هي آهن:

اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ۬ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ﴿۷﴾

”(اي الله) اسان کي سڌو رستو ڏيکار. انهن جو جن تي تو انعام ڪيو آهي. انهن جو نه جن تي تو غضب نازل ڪيو آهي ۽ نه گمراهن جو.“

مفسرن لکيو آهي ته غضب ڪيلن مان يهودي ۽ گمراهن مان نصارا مراد آهن. الله تعاليٰ يهودين لاءِ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي:

وَضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الذِّلَّةُ وَالۡمَسۡكَنَةُ ۗ وَبَآءُوۡ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ (سورة بقره: ٦١)

(مٿن ذلت ۽ مسڪيني مسلط ڪئي وئي آهي ۽ انهن الله جو غضب خريد ڪري ورتو آهي. )

هتي اسان ٻن ڳالهين تي بحث ڪنداسين: هڪ ته غضب ڪيل ۽ گمراهه صرف يهودي ۽ نصارا آهن. ٻيو ڪو يا اسان مسلمان غضب ڪيل ۽ گمراهه ٿي سگهون ٿا يا نه؟. ٻيو ته الله جي غضب جي نتيجي ۾ غضب ڪيل ماڻهو صرف قبر ۽ قيامت ۾ خراب ٿيندو يا ان جا ڪي ٻيا به اثر آهن؟

اسان کي جڏهن الله تعاليٰ بار بار صورت فاتحه ۾ دعا سيڪاري آهي ته، اسان کي غضب ڪيلن ۽ گمراهن جو رستو نه ڏيکار، تنهن مان به ظاهر آهي ته اسان مسلمان ڪنهن به وقت اهڙي رستي تي هلي سگهون ٿا، جيڪو غضب ڪيلن ۽ گمراهن جو آهي، ان ڪري اهڙي صورتحال کان بچڻ جي دعا هر وقت زبان تي جاري رکائي وئي آهي.

ان کان سواءِ قران ۾ ڪيترين جاين تي مسلمانن کي اهل ڪتاب وانگر نه ٿيڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَكُوۡنُوۡا كَالَّذِيۡنَ اٰذَوۡا مُوۡسٰى (الاحزاب-٦٩)

( اي ايمان وارؤ انهن وانگر نه ٿيو جن موسيٰ کي ايذايو. )

ٻئي هنڌ آهي:

وَمِنَ الَّذِيۡنَ قَالُوۡۤا اِنَّا نَصٰرٰٓى (انهن وانگر نه ٿيو) جن چيو: اسان نصارا آهيون.

سردست مون کي اهي آيتون ملي سگهيون آهن، نه ته اهڙيون ڪوڙ آيتون آهن. جن مان ثابت ٿيو ته مسلمان به يهودين ۽ نصارن جهڙو ڪم ڪري انهن وانگر گمراهي جي رستي تي هلي سگهن ٿا.

باقي رهيو سوال تہ غضب ڪيل ۽ گمراهہ ڪيئن ٿيندا آهن. انهن کي ڪي سڃ ٿيندا آهن يا ڪي ٻيون انهن جون نشانيون ٿينديون آهن جن سان اهي سڃاڻجي سگهندا آهن؟

الله جي غضب جي معنيٰ آهي: ”الله جو پنهنجي بندن کي گناهن جي سزا ڏيڻ جو ارادو ڪرڻ.“ گناهن جي سزا جو اسان وٽ تصور انفرادي بہ آهي تہ قبر ۽ قيامت سان بہ اهو جوڙيو ويو آهي. يعني صرف قبر ۽ قيامت ۾ سزا ملندي.دنيا جي هن زندگيءَ ۾ سزا جو اسان پنهنجي دلين مان خوف ئي ڪڍي ڇڏيو آهي.

جڏهن تہ غضب ڪيلن ۽ گمراهن مان مراد هڪ جماعت، امت ۽ قوم آهي. يعني هڪ امت جهڙوڪ يهودي ۽ نصارا غضب ڪيل ۽ گمراهہ آهن. مسلمانن کي انهن وانگر نہ ٿيڻ جو تاڪيد بہ امت جي حيثيت ۾ آهي. قرآن مجيد ۾ يهودين ۽ نصارن تي الله جي غضب جو اظهار قبر ۽ قيامت ۾ انهن کي عذاب ڪرڻ سان نہ ڪيو ويو آهي. بلڪ هن دنيا ۾ انهن کي ذلت، خواري ۽ مسڪنت ملڻ جي صورت ۾ ڪيو ويو آهي. جيئن هن مضمون ۾ ذڪر ڪيل پهرين آيت ۾ ڏسي سگهجي ٿو ۽ ان سان گڏ سورت اعراف ۾ جيڪو الله تعاليٰ فرمايو آهي، سو ڏسو:

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ ذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا (اعراف: 152)

”جن ڳابي کي (خدا ڪري) ورتو جلد انهن کي سندن رب طرفان غضب ۽ دنيا جي حياتي ۾ ذلت پهچندي.“

سورة بني اسرائيل ۾ الله تعاليٰ انهن تي پنهنجي غضب جي هڪ صورت بُخت نصر هٿان انهن جي مغلوب ٿيڻ جي بيان فرمائي وئي آهي:

وَقَضَيْنَآ اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ فِي الْكِتٰبِ لَتُفْسِدُنَّ فِي الْاَرْضِ مَرَّتَيْنِ وَلَتَعْلُنَّ عُلُوًّا كَبِيْرًا ۝ (بني اسرائيل-4)

”ڪتاب ۾ بني اسرائيل بابت فيصلو ڪيو سين تہ، اوهان زمين ۾ ٻہ دفعا فساد ڪندؤ ۽ تمام وڏي سرڪشي ڪندؤ.“

جڏهن ٻنهي پيرن مان پهريون (فساد) جو انجام ايندو تہ اسان انهن تي پنهنجي سخت طاقت وارا ٻانها اٿاريندا سين جيڪي شهرن ۾ گهڙي پوندا ۽ انجام پورو ٿيڻو آهي.

وري اوهان کي هڪ ڀيرو موٽائيندا سين. مال ۽ اولاد جي اوهان کي مدد ڏيندا سين ۽ اوهان کي کهڻي نفري وارو ڪندا سين.

جيڪڏهن چڱو ڪندؤ تہ پنهنجي لاءِ چڱو ڪندؤ. برو ڪندؤ تہ پنهنجي لاءِ. ۽ جڏهن پويون واعدو ايندو تہ جيئن اوهان جي شڪل ئي بگاڙي ڇڏي، تڏهن اهي ائين مسجد (بيت المقدس) ۾ گهڙندا جيئن پهرئين ڀيري گهڙيا هئا. ۽ جنهن تي غالب ٿيندا تنهن کي چڱيان اجاڙيندا.

ٿي سگهي اوهان جو رب اوهان تي رحم ڪري، پر جيڪڏهن اوهان موٽندو تہ اسان بہ موٽنداسين.( يعني ٻيهر اوهان کي سزا ڏينداسين.“

ڇهہ سال قبل مسيح ۾ بابل جي بادشاهہ بُخت نصر يهودين تي حملو ڪيو. ڪين ذليل ڪيائين. هزارين يهودين کي غلام بنايائين. هيڪل کي برباد ڪيائين. مٿين آيتن ۾ ”پهرئين انجام“ مان ان ڏانهن اشارو آهي. آيت ۾ ٻئي انجام مان مراد رومي آهن، جن



بيت المقدس کي بلڪل تباهہ ڪري ڇڏيو. بني اسرائيلن کي ماري ڪُٽي سٽي فلسطين مان ڪڍي ڇڏيو. آخري آيت ۾ يهودين کي ڌمڪي آهي تہ جيڪڏهن وري بہ نہ سڌريؤ تہ مسلمانن جي اوهان مٿان غلبي جي صورت ۾ اوهان تي ٻيهر ذلت، مسڪنت ۽ خواري مسلط ڪئي ويندي. مطلب تہ غضب ڪيل قوم کي الله تعاليٰ دنيا ۾ ان طرح ذليل ۽ خوار ٿو ڪري تہ قومون مٿن حملي آور ٿين ٿيون، ذلت ۽ مسڪيني سندن مقدر ٿئي ٿي.

مسلمان جڏهن مشرڪن جي مقابلي ۾ ضعيف ۽ ڪمزور هئا ۽ پوءِ مضبوط ٿيا ۽ مشرڪن کي شڪست ڏنائون تہ الله تعاليٰ سندن ان حالت بابت فرمايو:

وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ وَّاَنْتُمْ اَذِلَّةٌ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝ (آل عمران-١٢٣)

”الله تعاليٰ اوهان جي بدر ۾ مدد ڪئي حالانڪ اوهان ڪمزور ۽ ذليل هيو.“

مسلمانن جي غلبي واري حالت ۾ نہ هئڻ واري زندگيءَ بابت چيو ويو تہ اوهان ”اذلہ“ هيا، جڏهن الله اوهان جي مدد ڪئي، اوهان غالب ٿيا، مان ۽ عزت حاصل ڪئي.

مديني جي منافقن جي سردار پنهنجي سرداريءَ جي گهمنڊ ۾ اچي مهاجر ۽ انصار صحابہ ۾ هڪ فتنو کڙو ڪري، ان جو فائدو وٺي، چيو: ليخرجن الاعز منها الاذل ”مديني مان عزت وارا (شان شوڪت ۽ اقتدار جا مالڪ) ذلت وارن کي ڪڍي ڇڏيندا.“ الله تعاليٰ فرمايو، منافق ڀليل آهن، تہ ڪو عزت ۽ اقتدار اڃا بہ وٽن آهي. الله تعالي فرمايو:

وَ لِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝ ( المنافقون-٨) .

”عزت ۽ غلبو الله، سندس رسول ۽ مؤمنن کي حاصل آهي. پر منافق نہ ٿا ڄاڻن.“

پر جڏهن قومون لچڻ ۾ نہ رهنديون آهن، تہ عزت، غلبو ۽ وقار بہ وڃائي ويهنديون آهن. انهن کي الله دنيا ۾ ئي قومي بربادي جي صورت ۾ عذاب ڪندو آهي، پوءِ اهي مسلمان ڇو نہ هجن. جيئن هڪ هنڌ الله تعاليٰ مسلمانن کي مخاطب ٿي فرمايو آهي:

اِلَّا تَنْفِرُوْا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا وَّيَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ (التوبہ-٣٩)

”جيڪڏهن جهاد نہ ڪندؤ تہ اوهان کي دردناڪ عذاب ڪندو ۽ اوهان جي جڳهہ تي ٻي قوم بدلائي آڻيندو.“

هيءُ مسلمانن کي تنبيه ۽ ڌمڪي آهي. ڇا مسلمانن ۾ اڃا اهو وقت ڪونہ آيو آهي! تہ الله کين عذاب ڪري ۽ ٻين قومن کي مٿن غالب ڪري؟

يهودين تي الله تعاليٰ ڪيئي دفعا ۽ خاص طور تي ٻہ دفعا اهڙو عذاب ڪيو: هڪ بخت نصر بادشاهہ جي ذريعي ٻيو رومين جي ذريعي ۽ ان سان گڏ مسلمانن جي ذريعي بہ. ان طرح مڪي جي مشرڪن تي الله مسلمانن جي ذريعي عذاب ڪيو، جڏهن فرمايائين:

قَاتِلُوْهُمْ يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِاَيْدِيْكُمْ (التوبہ-١٤)

”انهن کي قتل ڪيو، الله کين اوهان جي هٿان عذاب ڪرڻ ٿو گهري.“

ڇا مسلمانن تي الله اهڙو عذاب نازل ڪونہ ڪيو آهي؟ هڪ دفعو نہ، ٻہ دفعا نہ، ڪئي دفعا مسلمان الله جي اهڙي عذاب کي سهي چڪا آهن. بغداد تي تاتارين جي حملي ڪان وٺي، عثماني خلافت جي تخت ۽ تاج جي تاراج ٿيڻ ڪان وٺي، ڪيترن ئي مسلمانن

جي فرنگي غلاميءَ کان ويندي اڄ کلھ عالمي، آمريڪي سامراج ۽ انھن جي اتحادين ھٿان مسلمان قومن جي روز روز تذليل، ڇا ان الاھي عذاب کان گھٽ آھي جيڪو الله يھودين ۽ نصارن تي ڪيو. صديون گذري چڪيون آھن جو مسلمان دنيا ۾ الله جي عذاب ۾ مبتلا آھن! ڪيترين ئي غالب قومن ھٿان لتاڙجي ڇيھاڄجي ذليل ۽ خوار ٿي چڪا آھن. پر پوءِ بہ امت ڪي خوش رکيو ٿو وڃي تہ ھيءَ پلي امت آھي جلد ئي ڪونہ ڪو ڪرشمو ٿيندو، ڪو ظاھر ٿيندو جيڪو سڄي ڪايا پلٽي ڇڏيندو. الله ھن امت تي شڪليون بدلائڻ جو عذاب نہ ڪندو، وغيره پر جيڪو عذاب اسان تي مسلط آھي، جيڪو ڀوڳي رھيا آھيون، تنھن جي سڃاڻي ڪوبہ ڏيڻ وارو ڪونھي. مسلمانن جي ھيءَ ذلت ۾ ورتل امت ڪڏنھن بہ غلبو حاصل نہ ڪري سگھندي. ڇاڪاڻ تہ ھيءَ عذاب ۾ مبتلا آھي. ھيءَ ان مقام تي پھچي چڪي آھي، جتي يھودي ۽ نصارا پھچڻ کان پوءِ صرف عذاب جا ئي مستحق ٿيا ھئا. شاه ولي الله دھلوي چواٽي قرآن ۾ يھودين ۽ نصارن ڪي مليل تنبيھن ۽ دڙڪن وارين آيتن ۾ جيڪڏھن مسلمانن جو نالو شامل ڪجي تہ يھودين ۽ نصارن جي خرابين جو سمورو قرآن جو تجزيو مسلمانن تي پورو نظر ايندو.

اڄ اسان کي خوش فھمين مان نڪري اچڻ گھرجي. پنھنجي چاڪ گريبانن ۾ جھاتي پائڻ گھرجي. مٽي ۾ پيل ڏوڙ ڇنڊي، اکيون پٽي، پاڻ سنڀالڻ گھرجي. پنھنجي سوچن، فڪر ۽ عمل جي نئين سر آبياري ڪرڻ گھرجي. پنھنجو جائزو وٺي پاڻ کي بدلائڻ گھرجي. مولانا سنڌي ان ئي حالت مان ڪڍڻ لاءِ فرمايو ھو: ”بدلجو نہ تہ زمانو اوھان جو نالو نشان ئي مٽائي ڇڏيندو!“.

******

## ھر محبت لاءِ ھڪ بغض لازمي آھي

ياد رکو! ھر محبت لاءِ ھڪ بغض لازمي آھي. جنھن سان محبت ڪندؤ ان جي مقابل مخالف سان بغض اٽٽر آھي ۽ ايستائين ڪير بہ نوڙت نٿو ڪري سگھي جيستائين ان جي ضد لاءِ ارڏو ۽ اڙٻنگ نٿو بنجي. نيڪي کي جيڪڏھن پسند ڪندؤ تہ ان جي خاطر بدي کي برو چوڻو پوندو. خدا کي خوش ڪرڻ چاھيو ٿا تہ شيطان جي دشمني جي ڪابہ پرواھ نہ ڪريو. ھا! ليڪن ايترو ضرور آھي جو ان لاءِ ڪجھ حدون مقرر ھئڻ گھرجن. نرمي، آشتي، عفو ۽ در گذر جي جاءِ ڪٿي آھي ۽ سخت پڪڙ ۽ سزا ۽ انتقام جو حق ڪھڙي موقعي تي حاصل ٿئي ٿو. اخلاق جا عام اصول شايد انھن سوالن جا جواب ڏيئي سگھن، پر اسين تہ دنيا جي ھر ڳالھ کي مذھب ۾ ڳوليندا آھيون ۽ پوءِ نہ ڏسندا آھيون تہ دنيا ۾ ان مِتعلق ڇا چيو وڃي ٿو. اسان جي ھٿ ۾ قرآن ڪريم ھڪ امام اعظم، ” تِبۡيَانًا لِّكُلِّ شَيۡءٍ “”بَيَانٌ لِّلنَّاسِ“، ”وَكِتٰبٌ مُّبِيۡنٌ“ ۽ انسان جي ھر اختلاف ۽ جھڳڙي جي لاءِ ھڪ حاڪم ناطق آھي. ان ڪان پوءِ ان جو عملي نمونو پاڻ سڳورن ﷺ جي پڌري زندگي جا عمل آھن. ان ڪري انھن سوالن جا جواب بہ اتي ئي ڳولڻ گھرجن.

(صدين جون صدائون، مولانا ابوالڪلام آزاد، ص191)



سنڌيڪار: محمد سليمان طاھر انڙ

# حيرت انگيز شخصيت

مڪي جي فتح کان پوءِ ڏھ لک ھم چورس ميل رقبو ھن جي پيرن جي ھيٺان اچي چڪو ھو مگر عربستان جو آقا، پنھنجي ڦاٽل جتيءَ جي ڳنڍ ٽوپ پنھنجن ھٿن سان ڪندو ھو. ٿلھو اوني لباس بدن تي پائيندو ھو. ٻڪرين جو کير پاڻ ڏھندو ھيو. باھ ٻاريندو ھو ۽ گھر جو سمورو ڪم جيترو ٿي سگھندو ھو پاڻ ڪندو ھو. بازار مان سودو سامان پاڻ خريد ڪندو ھو. اھڙا ٻيا ڪم ڪنھن کي چوڻ جي بجاءِ پنھنجي ھٿن سان پاڻ سرانجام ڏيندو ھو. مديني جو شھر جنھن ۾ ھو رھندو ھو، سندس زندگي جي پوين ڏينھن ۾ خوشحال ٿي ويو ھو. ماڻھو عام طرح مالدار بڻجي ويا ھئا. ھر طرف سون ۽ چانديءَ جا ڍير لڳي چڪا ھئا. پر خوشحالي جي انھي ماحول ۾ بہ عرب جي بادشاھ جي گھر ۾ ڪيترن ھفتن تائين باھ نہ ٻرندي ھئي. سندن معمول مطابق کاڌو کجور ۽ پاڻي ھوندو ھو. سندن خاندان لڳاتار ڪيتريون راتيون بک ۾ گذاريندا ھئا. ڇو تہ ڪين شام جو کائڻ لاءِ انھن کي ڪجھ بہ ميسر نہ ھوندو ھو. پاڻ آقا ڪنھن نرم بستري تي نہ سمھندا ھئا بلڪ تڏي تي سمھڻ پسند ڪندا ھئا ۽ گھڻو وقت تہ رات جو عبادت ڪرڻ ۾ لڳي ويندو ھين. گھڻو ڪري پنھنجي پالڻھار جي سامھون ڳوڙھا ڳاڙيندا ھيا ۽ چوندا ھئا تہ مون کي عبادت ڪرڻ جي اجان بہ وڌيڪ قوت عطا فرماءِ. نرم دلي جي ڪري سندن آواز رڪجي ۽ ڏٻجي ويندو ھيو، ائين پيو معلوم ٿيندو ڄڻ تہ پتيلي باھ تي چڙھيل آھي ۽ اھا ابرڻ شروع ٿي وئي آھي. رب ذوالجلال سان وصال واري وقت سندن گھر ۾ چند سڪا موجود ھئا، جن مان ڪجھ قرضن جي ادائيگي ۾ ڏنا ويا ۽ باقي رھيل ڪنھن مسڪين کي سندس ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا جيڪو سائل بڻجي گھرجي در تي آيو ھيو. جن ڪپڙن ۾ سندن روح مقدس پرواز ٿيو، انھن ڪپڙن کي چتيون لڳل ھيون. جنھن گھر مان سڄي جھان تائين روشني پھتي ان وقت اھو گھر انڌيري ۾ ھيو ڇو تہ ڏيئي ۾ تيل نہ ھيو.

”حالتون بدلجي ويون مگر الله جو پيغمبر نہ بدليو“. فتح يا شڪست، اقتدار يا آزمائش، خوشحالي يا سڃائي. دنيا جو ھي مصلح ان طرح رھيو جھڙي طرح ھيو. سندس ھلت چلت، اٿڻي ويھڻي ساڳي طرح برقرار رھي. جيئن الله تعاليٰ جي طريقن ۽ قانونن ۾ تبديلي ناممڪن آھي ساڳي طرح پيغمبرن جي ڪردار ۾ بہ تبديلي نہ ٿي اچي سگھي.

ھڪ چوڻي آھي تہ ” الله تعاليٰ جو بھترين عمل ھڪ پاڪباز انسان جو وجود آھي“. محمد پاڪباز ۽ راست باز کان بہ گھڻو وڌيڪ ھيو. سندن جسم جي ھڪ ھڪ رڳ ۾ انسانيت جون بلند خصوصيات رچيل ۽ بسيل ھيون. انسان سان ھمدردي، انسانيت سان پيار، انسان جي خدمت، انسان کي سربلند ڪرڻ، انسان کي پاڪيزو بڻائڻ ۽ انسان کي علم سان سينگارڻ، اھي سندن خاص گڻ ھئا. ھڪ لفظ ۾ جيڪڏھن سندن ھدف ٻڌايو

وجي تہ چئي سگھجي ٿو تہ ”انسان ۾ انسانيت پيدا ڪرڻ“ سندن زندگي جو نصب العين، خيال ۾، عمل ۾ ۽ لفظن ۾ الهامي ۽ اخلاقي جذبن جو سرچشمو ”انسانيت جي فلاح ۽ بهبود“ هيو.

دنيا جي آقا ڪي شرح ستائش ۽ ڏيکاءَ ڪان هميشہ نفرت رهي. هن پاڻ لاءِ ڪي بہ خطاب مخصوص نہ ڪيا. هن چيو تہ مان خدا جو ٻانهو ۽ خدا جو رسول آهيان. پر ٻانهون پهريان ۽ رسول بعد ۾. هو چوندو هيو تہ مان سڀني رسولن وانگر هڪ رسول آهيان انهن ڪان بهتر ناهيان. مون ڪي مڃڻ سان گڏ انهن سڀني رسولن تي ايمان آڻڻ بہ لازمي آهي.

هڪ مغرب جي دانشور جو چوڻ آهي تہ ان زماني جي ماحول جي بالڪل برعڪس هڪ عجيب ڳالھ محمد صلي الله عليہ وسلم ۾ نظر اچي ٿي تہ هن ڪنهن بہ معجزي ڏيکارڻ جي دعويٰ نہ ڪئي. اگرچہ ڪجھ معجزا ضرور ظاهر ٿيا مگر هن انهن کي بہ الله تعاليٰ جي قدرت ۽ مشيت ڏانهن منسوب ڪيو. معجزن ڪي عقيدن ڪي مڃائڻ لاءِ استعمال نہ ڪيو. هو نهايت صفائي ۽ بي باڪي سان ان ڳالھ جو اظهار ڪندو رهيو تہ مان اوهان وانگر هڪ ”انسان“ آهيان، مون وٽ زمين ۽ آسمان جا خزانا موجود نہ آهن، نہ ئي مان ايندڙ وقت جي لڪل رازن ڪان واقف آهيان، مون وٽ ڳجھ جو علم ڪونهي.

هن هميشہ پنهنجن مڃيندڙن ڪي فطرت ڏانهن متوجہ ڪيو. فطرت جو مطالعو، ان جي قانونن ڪي سمجھڻ ۽ ان ذريعي الله تعاليٰ جي عظمت ۽ قدر شناسي طرف ذهنن ڪي راغب ڪرڻ سندن دعوت جو طريقو هيو. هن ٻڌايو تہ زمين ۽ آسمانن جي تخليق ۾ ويچار ڪريو، اهي تماشو ۽ راند روند ناهن. هي دنيا بي مقصد ناهي ان ڪي سچائي سان ٺاهيو ويو آهي. قرآن مجيد ۾ اهي آيتون جيڪي فطرت جي قوانين ۾ غور ۽ فڪر لاءِ نازل ڪيل آهن، اهي آيتون تمام گھٽيون آهن انهن ڪان جيڪي فقط عبادت ۽ بندگي لاءِ نازل ٿيل آهن. انهن آيتن جي سبب مسلمانن فطرت جو مطالعو نهايت باريڪ بيني سان ڪيو. پوءِ هنن سائنسي تجربن ڪي جنم ڏنو جيڪي يونانين ۾ موجود نہ هئا. ماهر علوم نباتات ابن بيطار، دنيا جي هر حصي مان پودا گڏ ڪري پوءِ ئي هڪ ڪتاب لکيو. البيروني چاليھ سال معدنيات جا نمونا حاصل ڪرڻ لاءِ سفر اختيار ڪيو.

رابرٽ بريفالٽ چوي ٿو تہ اسان جي سائنس تي عربن جو قرض نہ صرف چرڪائڻ جهڙو آهي بلڪ ان ڪان وڌيڪ سائنس تي عربن جي معاشرت جو قرض پڻ آهي، ان جو وجود ئي انهن جو مرهون منت آهي.

يونانين ضابطا ناهيا. قاعدا ۽ نظريات مرتب ڪيا پر تحقيق جي صبر آزما طريقن ۽ حقيقي علمن جو ذخيرو، سائنس جا باريڪ اسلوب، تفصيلي مشاهدا، تفتيش جانچ پرک يونانين جي مزاج لاءِ اجنبي هئي. بيشڪ اهي حوصلا ۽ رستا يورپي دنيا ڪي عربن جي سهاري نصيب ٿيا.

(پروفيسر ڪي ايس راما ڪرشنا رائو جي ڪتاب ”محمد ﷺ پيغمبر اسلام“ تان ورتل)



مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو

# گھرياتين سان پاڻ سڳورن ﷺ جو رويو

پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي گھر ياتين تي انتهائي مهربان ۽ شفيق هوندا هئا. گھر ياتين سان شفقت ۽ پيار سان پيش ايندا رهندا هئا. پنهنجين گھروارين سان پيار ۽ اُلفت جون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ انهن سان خوش ،طبعي ۽ مزاح پڻ ڪندا هئا، تہ جيئن پاڻ ۾ پيار ۽ محبت جا جذبا سگھارا ٿين.

حضرت عائشہ رضي الله عنها کان جڏهن اهو پڇيو ويو تہ پاڻ سڳورا ﷺ گھر ياتين سان ڪيئن هلندا هئا؟ تنهن تي اما عائشہ رضي الله عنها فرمايو: پاڻ سڳورا ﷺ گھر ۾ عام انسانن جيان ئي رهندا هئا، پر پاڻ ﷺ ڏاڍا شفيق هئا ۽ اعليٰ اخلاق جا مالڪ هئا. فضول ڳالهيون نہ پاڻ ڪندا هئا ۽ نہ اهي ٻڌڻ پسند ڪندا هئا. برائيءَ جو بدلو پرائيءَ سان نہ ڏيندا هئا، پر خطائون درگذر ڪري ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن گھر ياتي ڪنهن ڳالھ ڪي پسند ڪندا هئا ۽ شرعي طور تي اها صحيح هوندي هئي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ان ڪي نہ ٽاريندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ نہ ڪڏهن ڪنهن خادم ۽ غلام ڪي ماريو ۽ نہ ئي ڪڏهن پنهنجي ڪنهن گھر واريءَ ڪي مار ڏني. گھر وارن سان خوش ٿي ۽ مرڪي ملندا هئا. صبح، شام گھروارين ڏانهن چڪر لڳائيندا هئا ۽ انهن ڪي پاڻ سلام ڪندا هئا، گھر جي سار سنڀال ۽ گھر ياتين جي ضرورتن جو لحاظ رکندا هئا. گھر آيل عورتن جا شرعي مسئلا ٻڌندا هئا ۽ نهايت ئي فهميده نموني ۽ سمجھاڻين سان ڪين ديني مسئلا سمجھائيندا هئا. پنهنجين گھر وارين ڪي پاڻ سان گڏ جنگين تي وٺي ويندا هئا ۽ انهن ڪي پاڻ سان گڏ حج پڻ ادا ڪرايائون.

حضرت عائشہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن غزوه حنين يا غزوه تبوڪ کان واپس آيا تہ جاري ۾ ڪين هڪ رانديڪي تي نظر پئي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: اي عائشہ! هيءَ ڇا آهي؟ مون عرض ڪيو: هي راند جي گڏي آهي. ان جي وچ تي گهوڙو هو، جنهن کي بہ پر هئا، پاڻ سڳورن فرمايو: اڙي گهوڙي کي پر؟ آءٌ عرض ڪيو: اي الله جا رسول ﷺ ڇا اوهين نہ ٻڌو آهي تہ حضرت سليمان عليہ السلام جي گهوڙي کي پر هئا، حضرت عائشہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ، ان تي پاڻ سڳورن ﷺ کي کل اچي وئي تان جو پاڻ سڳورن ﷺ جا ڏند مبارڪ ظاهر ٿيڻ لڳا. (ابوداؤد 112/2)

جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن سفر تي روانا ٿيندا هئا تہ گھروارين جي دلجوئيءَ جي لاءِ گھروارين جا ڪٺا وجهندا هئا. پنهنجين گھروارين کي خوش رکڻ جي لاءِ انهن

ڪي عشاءَ ڪان پوءِ قصا ۽ واقعا ٻڌائيندا هئا. اهي قصا ۽ واقعا نصيحت ۽ حڪمت تي مشتمل هوندا هئا.

گهروارين سان رلي ملي ويندا هئا ۽ گهر جي هر ڪم ۾ انهن جو هٿ ونڊائيندا هئا. حضرت عائشه رضي الله عنها فرمائي ٿي ته پاڻ سڳورا ﷺ ڪپڙا سبي ويندا هئا. جتي ڳنڍي ويندا هئا ۽ گهر ۾ عام انسان جيڪي ڪم ڪندو آهي پاڻ سڳورا ﷺ اهي به اهي سمورا ڪم سرانجام ڏيندا هئا.

هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته، پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي گهروارن جي لاءِ پاڻيءَ جا دلا ڀري ايندا هئا ۽ پنهنجي ٻڪريءَ جو کير پاڻ ڏهندا هئا. هي هيو پاڻ سڳورن ﷺ جي گهر ڀاتين سان رويو، ڪردار، اخلاق ۽ سيرت. جيتوڻيڪ پاڻ سڳورا ﷺ الله جا پيارا نبي هئا، امت جي اتباع واري حيثيت سان سندن سڀني گهروارين کي پاڻ سڳورن ﷺ جي هر حڪم جو اتباع ڪرڻو هو، پر پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ انهن جي دلجوئيءَ جي لاءِ انهن ۾ قرع اندازي ڪن ٿا، انهن سان کل ڀوڳ ۽ خوش طبعي ڪن ٿا ۽ انهن سان هر ڪم ۾ هٿ ونڊائين ٿا. جيڪڏهن اڄ جو معاشرو پاڻ سڳورن ﷺ جي ان سيرت تي هلي پوي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين سان، پٽن سان، نياڻين سان ۽ گهر وارين سان دوستاڻو رويو رکي هلي ته گهرن جي ماحول ۾ محبتن الفتن جا ڪيترا رنگ اڀري پون. ۽ هي گهرو معاشرو جنت جو ٽڪرو بڻجي سگهي ٿو.

## رشتيدارن/ مائٽن سان پاڻ سڳورن جو رويو

اسلام مٽن مائٽن ۽ رشتيدارن سان سهڻي سلوڪ جي حڪم ڪري ٿو، جنهن کي صله رحمي چيو وڃي ٿو. رحمت للعالمين ﷺ جن جي اخلاقي تعليم ۾ جنهن شيء کي سڀ کان وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي، اها آهي صله رحمي، مائٽن ۽ عام انسانن جي حقن جي پاسداري. قرآن مجيد ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي رشتيدارن، مٽن مائٽن ۽ عام انسانن جي حقن جي طرف توجه ڏياريو ويو آهي. ۽ اهو ڪنهن تي احسان نه بلڪ ان جو حق قرار ڏنو ويو آهي. مثال طور تي قرآن مجيد ۾ آهي:

(1) وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ (الاسراء:26) ۽ پنهنجي مائٽ کي سندس حق ڏي.

(2) فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ (الروم:38) پوءِ مائٽيءَ واري کي سندس حق ڏي.

(3) وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى الْقُرْبٰى (البقره:177) ۽ الله سان محبت ڪري رشتيدارن کي مال ڏيو.

(4) قُلْ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ (البقره: 215) (ڪين) چئو ته جيڪو مال خرچ ڪريو سو ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن لاءِ آهي.

پاڻ سڳورا ﷺ جيتوڻيڪ پوري انسانيت لاءِ رحمت هئا، پر ان رحمت جي شروعات مٽن مائٽن کان ڪن ٿا.



دعوت اسلام جي وقت پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي پوري خاندان ۽ قبيلي کي گڏ ڪن ٿا. ۽ انهن کي هن انداز ۾ مخاطب ٿين ٿا: يا معشر قريبن يا معشر: بني عبد مناف! يا معشر بني قصي يا معشر عبد الڪعب. ان آواز تي مڪي جا قريش گڏ ٿي وڃن ٿا ۽ انهن کي اسلام جي دعوت ڏين ٿا. اسلام ۽ توحيد واري دعوت تي جيتوڻيڪ مٽن مائٽن ۽ رشتيدارن پاڻ سڳورن ﷺ کي تڪليفون پهچايون، مسلمانن سان قطع تعلقات ڪيائون، ڪين شهر ڇڏڻ ۽ هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪيائون پر پوءِ به پاڻ سڳورن ﷺ انهن کان انتقام نه ورتو ۽ انهن کي معاف ڪري ڇڏيائون.

پاڻ سڳورا ﷺ هر موقعي تي پنهنجن جو لحاظ رکندا هئا ۽ انهن جي ديني تربيت ڪندا هئا. ۽ انهن کي نيڪيءَ جي ترغيب ڏيندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ جيڪڏهن ڪنهن مٽ مائٽ ۽ رشتيدار ۾ ڪا خرابي ڏسندا هئا ته خيرخواهيءَ جي بنياد تي نهايت ان کي اتي جو اتي درست ڪري ڇڏيندا هئا.

اڄ ڪلهه ڏٺو وڃي ته اسان جو هر مبلغ ۽ داعي پنهنجن ۾ تبليغ ڪرڻ کان لهرائيندو آهي. هو ٻاهر ته وڏو مبلغ ۽ داعي هوندو آهي ۽ پنهنجن گهر وارين ۽ عزيزن ۾ ڪنهن به قسم جي تبليغ نه ڪندو آهي. ان جو هڪ سبب هيءَ آهي ته، اڄ جو داعي پنهنجي زبان سان ته اسلام ۽ حق جي دعوت ڏئي ٿو، پر هو پاڻ پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ بهتري پيدا نه ٿو ڪري سگهي ۽ مثالي انسان نٿو بڻجي سگهي. ان ڪري هو ان لڄ ۽ شرم کان پنهنجن ۾ ڪا حق جي ڳالهه ڪري نٿو سگهي. ٻاهر جا ماڻهو هن جا واقف ۽ ان جي ڪرتوتن کان آگاه نٿا هجن، تنهن ڪري هو ٻاهر وڏي طمراق سان پنهنجي ڳالهه ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجو ڌاڪو ڄمائي سگهي ٿو. اهڙي قسم جي تبليغ پنهنجي هوس ۽ شوق جي پيروي ته ٿي سگهي ٿي، پر اسلام جي حقيقي تبليغ ٿي نٿي سگهي. ان بابت ئي ته چيو ويو آهي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٢﴾
كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٣﴾ (صف:2-3)

اي ايمان وارؤ! اهڙي ڳالهه ڇو ٿا چئو، جا نٿا ڪريو، جيڪي اوهين (پاڻ عملاً) نٿا ڪريو سا ڳالهه چوڻ الله وٽ وڏي ڪاوڙ جي ڳالهه آهي.

اسلام جي حقيقي تبليغ اها ئي آهي جيڪا پنهنجي ڪردار جي ذريعي ڪئي وڃي، ۽ زبان کي پنهنجي عمل جي ذريعي سگهارو بڻائي استعمال ڪيو وڃي. اهڙي تبليغ جي شروعات پنهنجن مٽن مائٽن ۽ ويجهن ماڻهن کان ٿيندي. عمل ۽ ڪردار کان وانجها بدڪردار ماڻهو اهڙي قسم جي تبليغ جو تصور به نٿا ڪري سگهن.

دعوت ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ به اسان کي پاڻ سڳورن ﷺ جي "اسوه حسنه" تي عمل ڪرڻو پوندو. پنهنجو ڪردار ۽ قبلو درست ڪرڻو پوندو، پوءِ ڏسو ته ڪيئن لشڪرن جا لشڪر اسلام ۾ داخل ٿي وڃن ٿا ۽ ڪيئن نه اسان جي دعوت ۽ تبليغ مؤثر ٿئي ٿي.

سنڌيڪار: عبداللطيف نانگراج

# شخصيت جي تعمير ۽ اسلام

انسان جي زندگيءَ جو مقصد شخصيت جي تعمير (ان کي سنوارڻ، سڌارڻ) ۽ ان کي صحيح اصولن، عقيدن سان مستحڪم ۽ منضبط ڪرڻ آهي.

حياتي جيئن ڪروڙين سالن جي مرحلن مان گذرندي خبر ناهي ڪيترين پوشاڪن ۾ رقص ڪيو آهي تيئن ان جي اڳيان ابد تائين پکڙيل مختلف امڪانن جون صورتون موجود آهن ۽ ”انسان“ انهن ٻنهي مرحلن جي وچ ۾ هڪ نهايت مختصر پر ڳڻو ڳڻ نازڪ ۽ ان سلسلي جي زنجير جي اهم ڪڙي آهي.

اربن ڪربن جي گذريل ڪائناتي زندگي، وري ايئن ابد تائين وسيع امڪان رکندڙ حياتيءَ جي مقابلي ۾ هڪ انساني فرد جي سٺ ستر سالن جي زندگيءَ جي اها ئي حيثيت آهي جا پوري انساني زندگيءَ ۾ هڪ سيڪنڊ جي ڪروڙين حصي جي هوندي آهي. بلڪ ان کان به تمام گهٽي گهٽ. (حقيقت ۾ هيءَ سمجهائڻ لاءِ تمثيل آهي، نه ته پلا ”محدود“ کي ”غير مختتم“ سان ڪا نسبت يا جوڙ ٿي سگهي ٿي) پر هن ننڍڙي حصي جي اهميت کي ڏسو ته هن جي ڪردار ۽ اطوار سان مرتب ٿيندڙ نتيجن تي هميشه جي زندگي جو فيصلو ۽ ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو دارومدار آهي. گذريل ڪروڙين سالن جي مرحلن مان گذري ڪري زندگيءَ کي جيڪي ڪجهه وراثت ۾ مليل هوندو آهي ۽ ماحول جي اثرن جي صورت ۾ ان کي جيڪي ڪجهه حاصل ٿيندو آهي، ”انساني مرحلو“ ان جي تطهير ۽ تثبيت يا دوام جي لاءِ هوندو آهي ته جيئن هن حاصل ڪيل ورثي ۾ شامل نقصانڪارۦ تخريبي اثرن کي ختم ڪيو وڃي ۽ مفيد ۽ تعميري اثرن کي پختو ۽ مضبوط ڪيو وڃي. اسان جي زبان ۾ پهرئين عمل جو نالو تقوي ۽ ٻئي کي احسان چئبو آهي ۽ شخصيت جي تعمير انهن ٻنهي عملن سان جڙي ٿي.

پر تطهير (ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ) ۽ تثبيت ۽ دوام جو هيءُ عمل ڪهڙيءَ طرح پنهنجي مقصد جي مطابق شڪل ۽ صورت وٺندو؟ اها ڪيئن خبر پوي ته هيءَ شيءِ مفيد ۽ سٺي آهي، ان کي باقي رکيو وڃي ۽ هيءَ شيءِ خراب ۽ بي ڪار آهي، ان کي ڪڍيو وڃي؟ ۽ وري جيڪڏهن خبر پئجي به وڃي ته پوءِ اها قوت ڪٿان حاصل ڪجي جنهن سان نقصان وارين شين کي ختم ڪيو وڃي ۽ فائدي وارين شين کي باقي رکيو وڃي؟

پر انساني تاريخ جو تجربو ۽ مشاهدو ٻڌائي ٿو ته ٻين مرحلن وانگر هن مرحلي جي به تمام ضروري شين جو قدرت جي طرفان انتظام ڪيو ويو آهي. بلڪ يقيناً اهڙو انتظام قدرت جي طرفان انسان ذات کي ابتدا کان ئي عطا ڪيو ويو آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ ٻڌايل آهي ته: ”هر انسان جي اندر الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي روح منجهان ڦوڪي ڇڏيو آهي.“ (الحجر: 29)



جنهن جي ذريعي انسان کي اهڙي روشني عطا ڪئي وئي آهي جنهن سان اهو ماحول جي اثرن ۽ وراثت ۾ شامل نقصانڪار ۽ مفيد شين ۾ فرق ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ ان جي ذريعي ان کي اهڙي قوت عطا ڪئي وئي آهي جنهن سان نفعي وارين شين کي باقي ۽ نقصان وارين شين کي ختم ڪيو وڃي ٿو.

”پر شرط اهو آهي ته انسان پنهنجي روح کي سنڀالي رکي (ان کي ماحول جي آلودگين کان محفوظ رکي) ۽ ان کان ڪم وٺي.“ (الشمس: 9-10)

هي سڀ جزوي روح هڪ ڪائناتي نظام هيٺ حق تعاليٰ جي ”روح ڪلي“ سان جڙيل آهن ۽ انهن کي ان کان هر وقت فيض ملي ٿو. جنهن سان انسان تعميري ۽ تخريبي شين ۾ فرق به ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي پنهنجي آزاديءَ سان اپنائڻ ۽ رد ڪرڻ جي قوت به حاصل ٿئي ٿي.

وري روح جي مدد لاءِ عقل آهي، جيڪو روح جي فڪرن ۽ نظرين کي دليل ۽ برهان جي قوت سان مستحڪم ڪري ٿو ۽ انهن فڪرن ۽ نظرين کي عملي پوشاڪ پارائڻ لاءِ حڪمت سان رستو به منتخب ڪري ٿو.

هاڻي وري سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته شخصيت جي تعمير جو هي عمل انفرادي طور تي سرانجام ڏبو يا اجتماعي طور تي؟ جيستائين انسان جي اندروني ڪشمڪش ۽ ڇڪتاڻ جو تعلق آهي، جيڪو ڪن شين کي وٺڻ ۽ ڪن کي ڇڏڻ جي سلسلي ۾ پيش اچي ٿو، اهو نه صرف هڪ انفرادي عمل آهي بلڪ ان جي ذهني تجربي ۾ ٻيو ڪو هن جو شريڪ به نٿو ٿي سگهي. ”ڪو به بار کڻندڙ ٻئي جو بار نٿو کڻي.“ (الانعام: 164)

۽ ”نه ئي وري ڪير بار کڻڻ کان بچي سگهي ٿو.“ (الزلزال: 7-8)

هڪ طرف تاريخ کان ورثي ۾ مليل ۽ ماحول جا زميني اثر آهن جيڪي انسان کي هيٺ يعني حيواني زندگيءَ ڏانهن ڇڪن ٿا ۽ ٻئي طرفان روح ڪلي جا انوار ۽ تجليون آهن جيڪي سندس روح تي وسنديون رهن ٿيون. اهي هن کي بلندي جي طرف وٺي وڃڻ گهرن ٿيون. هي انسان هنن ٻنهي جي ڪشمڪش ۽ ڇڪتاڻ جو ميدان آهي ۽ هيءَ ڪشمڪش هڪ انفرادي شيءِ آهي. پر هيئن چئي سگهجي ٿو ته ٻيا هن جا شريڪ ته نٿا ٿي سگهن، پر هڪ ٻئي لحاظ کان ان جا معاون ۽ مددگار بڻجي سگهن ٿا.

پر جيئن ته انسان طبعي لحاظ کان هڪ ٻئي سان گڏجي رهڻ وارو حيوان آهي، تنهن ڪري فرد ۽ معاشرو لازم ۽ ملزوم آهن. افراد پنهنجو اثر معاشري تي وجهندا آهن، ڇو ته ”معاشرو فردن جي ترڪيبي جوڙجڪ جو نالو آهي.“ ۽ وري معاشري جو اثر فردن تي پوندو آهي، جيئن چيو ويندو آهي ته جهڙو ديس تهڙو ويس.

ڇاڪاڻ ته عام طور تي گهڻا انسان معاشري جي وهڪري ۾ لڙهي ويندا آهن. خاص ڪري نوجوان ۽ ٻار پنهنجي ماحول کان جلد متاثر ٿيندا آهن.

تنهن ڪري جيڪڏهن معاشرو سٺن اخلاقن سان سنواريل هوندو ۽ فطري اصولن تي قائم هوندو ته ان جي گود ۾ پلجندڙ فرد کي پنهنجي شخصيت جي سنوارڻ ۾ آساني پيدا

ٿيندي پر جيڪڏهن ان جي ابتڙ معاشرو فتني ۽ فساد جو ڳڙهه هوندو ته ان ۾ پلجندڙ فرد به ان رنگ ۾ رنگجي پوندا.

ان کان سواءِ معاشرو فردن لاءِ تربيت گاهه به آهي ته انفرادي اخلاق جي ڪسوٽي ۽ ان لاءِ معيار به. (ڇاڪاڻ ته ڪنهن به انسان کي ڀلو يا برو چوڻ هن بنياد تي هوندو آهي ته ان مان معاشري کي فائدو پهچي ٿو يا نقصان) تنهن ڪري سماج کان الڳ ٿي ڪري پنهنجي شخصيت جي تعمير ڪرڻ، ايئن آهي جيئن پاڻي کان ٻاهر ترڻ جو سکڻ

ان سان گڏوگڏ شخصيت جي تعمير لاءِ هڪ گڏيل پروگرام جو هجڻ ضروري آهي جيڪو اصولن، ضابطن ۽ قاعدن هيٺ مرتب ڪري منشور جي حيثيت رکندو هجي. جنهن جي ذريعي معاشري ۾ فردن ۾ اتفاق ۽ اتحاد پيدا ڪجي ۽ هڪ نظم و ضبط سان انهن جي نشو ونما به ٿيندي رهي. ٻي صورت ۾ انفرادي عمل ۽ مختلف النوع ڪوششون ڪي خاطر خواهه نتيجا نه ڏئي سگهنديون آهن ۽ گڏوگڏ انفرادي عمل ۾ ڪيترا انسان ته غفلت جو شڪار رهندا آهن، ته ڪي وري تڪليفن ۽ مشقتن جي ور چڙهي سست ۽ ڪاهل بڻجي پوندا آهن، ته ڪي وري ڀٽڪي ويندا آهن. تنهن ڪري اجتماعي ۽ گڏيل پروگرام فردن جي حوصله افزائي ڪري سندن عملي جذبي کي هر وقت متحرڪ رکي ٿو.

پر شخصيت جي تعمير جو پروگرام مرتب ڪرڻ ڪو آسان ڪم نه آهي. اهو پروگرام اهڙو هئڻ گهرجي جو ان ۾ فرد ۽ معاشري ٻنهي جي نشو ونما جي، حالتن ۽ سماجي تبديلين مطابق مسلسل گنجائش هجي. اهو پروگرام اهڙو ته متوازن ۽ معتدل هجي جو فرد ۽ معاشري جي صحيح انداز ۾ تعمير ۽ ترقي جو ضامن هجي. انفرادي ڪردار جي تعمير اهڙي نه هجي جو اجتماعي ڪردار ۽ ان جي ترقي خطري ۾ پئجي وڃي ۽ نه ئي وري فردن کي ايترو مستحڪم ۽ مضبوط ۽ طاقتور ڪيو وڃي جو معاشري ۾ نراج ۽ انارڪي پکڙجي وڃي. نه ئي وري اجتماعيت تي ايترو زور هجي جو فرد جي شخصيت ان ۾ گم ٿي پنهنجو وجود ئي ختم ڪري ڇڏي نه آزاديءَ سان سوچي سگهي ۽ نه ئي وري پنهنجي سوچ ويچار سان ڪڍيل نتيجن تي عمل ڪري سگهي.

جيئن ته انسان روح، عقل ۽ بدن ٽنهي جو مجموعو آهي، تنهن ڪري شخصيت جي تعمير جو صحيح پروگرام اهو ئي ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ روح، عقل ۽ بدن ٽنهي جي تقاضائن جو پورو لحاظ رکيو وڃي. اهو پروگرام متوازن ۽ معتدل هجي، اهڙو نه هجي جو جنهن ۾ رڳو بدني ضرورتن تي زور ڏنو وڃي. نتيجي ۾ انسان جو عقل ٽلهو متارو ۽ روح نٻل ٿي وڃي.

نه ئي وري اهڙو هجي جنهن ۾ رڳو عقل کي اهميت ڏني وڃي جو (انسان رڳو مناظرن، جهيڙن جهٽن ۽ چالبازين ۾ پيو وقت گذاري. ٻي مقصد بحث ڪري صرف ذهني عياشيءَ جون پيو محفلون سجائي ۽ انهن کي ئي زندگيءَ جو مقصد سمجهي ڪري پنهنجي عملي قوتن جي صحيح نشو نما نه ڪري پنهنجي شخصيت کي تباهه ڪري ڇڏي. يقيناً صرف ذهني عياشي جي تسڪين لاءِ پيدا ڪيل بحث انسان جي عملي قوتن ۾ ڪو به تحرڪ پيدا نه ڪري سگهندا آهن. نتيجي ۾ انسان جي عملي زندگي بهترين طريقي سان



سينگارجي نه سگهندي آهي. نه ئي وري اهو پروگرام اهڙو هجي جنهن ۾ رڳو انسان روحاني ڪيفيت ۾ ٻڏي وڃي جو سندس علم ۽ عمل جون قوتون ختم ٿي وڃن، محض ”ديوانگي“واري زندگي گذاري جنهن ۾ نه دنيا جي معاملن جو شعور هجي ۽ نه ئي وري ڪم ڪرڻ جو ڪو جذبو“ .

تنهن ڪري صحيح پروگرام لاءِ ضروري آهي ته ان ۾ اهي ٽئي گڏ ڪٽي هلجن ۽ انهن ۾ اهڙو ته توازن هجي جو هڪ جون گهرجون ٻئي لاءِ تنگيءَ جون سبب نه بڻجن.

ڇاڪاڻ ته جيستائين انسان جون بنيادي ضرورتون (کائڻ پيئڻ، پهرڻ ۽ رهڻ) صحيح طريقي سان پوريون نه ٿينديون تيستائين اهو انسان ڪنهن وڏي مقام تائين رسائي حاصل نه ڪري سگهندو، تنهن ڪري انسان جي بنيادي ضرورتن کي نظر انداز ڪندڙ پروگرام معاشري کي گهربل نتيجا نٿو ڏئي سگهي.

ائين الله تعاليٰ انسان کي ”ملڪي نور“. عقل عطا ڪيو آهي. تنهن ڪري انسان جي طبيعت اهڙي رکي وئي آهي ته جيستائين ڪاشي انسان جي عقل سان پيٺ نه ڪائيندي تيستائين ان تي عمل ڪرڻ انسان لاءِ مشڪل ٿي پوندو آهي. ڪائنات جي تبديلين ۾ غور ڪري نتيجا حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي روشني ۾ لائحه عمل تيار ڪرڻ ۽ ٻين جي تجربن جي روشني ۾ حالتن جو جائزو وٺي ڪري غلط ۽ صحيح ۾ نکيڙ ڪرڻ ته جيئن تعميري مثبت ڪردارن سان معاشري کي سنواريو وڃي، انسان جي نوعي خاصيت آهي ۽ اها ئي شيءِ انسان کي ٻين کان جدا ڪري ٿي. نکيڙ ۽ تميز جو عمل عقل جي پيداوار آهي. تنهن ڪري عقلي ۽ شعوري غذا نه ملڻ ڪري انسان مثل حيوان آهي. ۽ آخر ۾ روح يا جوهر. حقيقت ۾ اصل انسان روح ئي آهي. روحاني غذا کانسواءِ شخصيت جي تعمير ناممڪن آهي. تنهن ڪري تطهير، تثبيت يا اپنائڻ ۽ رد ڪرڻ جو عمل جيڪو زندگيءَ جو مقصد آهي، صرف ان صورت ۾ پنهنجو مطلب حاصل ڪري سگهي ٿو، نه صرف حاصل ڪري سگهي ٿو بلڪ آسانيءَ سان سرانجام به ڏئي سگهجي ٿو جڏهن روح کي خوراڪ ڏني وڃي. ان ڏئي کي هر وقت خدا جي ياد جي تيل سان چمڪائي ڪري رکجي. ان کي نفساني خواهشن ۽ هوس جي دز کان پاڪ ۽ صاف رکجي. (الشمس:9-10) ته جيئن روح الله جي رنگ ۾ رنگجي وڃي ۽ الله جي رنگ کان وڌيڪ بهتر ڪهڙو رنگ آهي. (البقره: 138)

جڏهن روح الله جي رنگ ۾ رنگجي وڃي ٿو ته ان پاڙ مان نڪرندڙ عمل جا سلا ۽ ميوا نه صرف خوبصورت هوندا آهن بلڪ اهي خوش ذائقي وارا به هوندا آهن.

”ڪردار، شخصيت جو اظهار آهي.“ يعني مستحڪم شخصيت ئي اعليٰ اخلاق جو مظهر آهي.

اعليٰ ڪردار، بهترين عادتن جي ترتيب ۽ تسلسل جو ٻيو نالو آهي. اهڙا ڪردار هڪ ڏينهن ۾ پيدا نه ٿيندا بلڪ انهن لاءِ باقاعده پروگرام ۽ مسلسل شعوري جدوجهد ڪرڻ ضروري هوندي آهي.

اعليٰ ڪردار جون پاڙون روح جي اونهائي ۾ ڦهليل هونديون آهن. انهن جي آبياري عقل جي پاڻي سان ڪئي ويندي آهي ۽ انهن جي ثمرِ مان معاشرو هر وقت پيو فائدو وٺندو آهي. (چاهي اهو شعوري هجي يا لاشعوري)

ان جي ابتڙ ڪمزور ڪردار ۾ سفلي جذبات غالب هوندا آهن. ان جون پاڙون زمين جي مٿاڇري تي هونديون آهن. انهن ۾ پختگي ۽ خود اعتماديءَ جو فقدان هوندو آهي. ”سطحي پڻو“ ۽ غفلت سندن شيوو هوندي آهي. حرص ۽ هوس جون طوفاني آنڌيون انهن کي پيون گهمائينديون رهنديون آهن ۽ انهن کي ڪو به ٽڪاءُ نه هوندو آهي. اهي نشو ونما نه هجڻ ڪري وڌي ويجهي نه سگهندا آهن، يعني معاشري کي ڪو به فائدو نه ڏئي سگهندا آهن. جيڪڏهن ڪجهه عمل جو ميوو ڏين به، ته به اهو اهڙو ته ڪڙو ۽ ڪسيلو هوندو جو چکيندڙ جو ذائقو ئي ڦيرائي ڇڏيندو (يعني فائدي جي جڳهه تي ويتر نقصان وارو ثابت ٿيندو.)

ڪردار جو سرچشمو عقيدا آهن ۽ ان جو مظهر عادتون ۽ اطوار.

جيستائين عقيدا صحيح نه هوندا تيستائين عادتون ۽ اطوار به صحيح نه ٿي سگهندا. نظرين ۽ فڪرن جي تبديليءَ سان ئي عملن ۾ انقلاب پيدا ٿيندو آهي. تنهن ڪري شخصيت جي تعمير ۽ تشڪيل لاءِ هڪ صحيح فڪر ۽ نظريي جي ضرورت آهي. مختصر لفظن ۾ ته مقصد حيات لاءِ فلسفهءِ حيات ضروري آهي.

جن ماڻهن وٽ ڪو به فڪر يا نظريو نه هوندو آهي يا ان کي تسليم ڪندڙ نه هوندا آهن، اهي سمجهندا آهن ته هيءَ دنيا کيل ۽ تماشو آهي، بس راند روند جو ميدان آهي.

اهڙا ماڻهو حيواني جذبن ۽ نفساني خواهشن ۾ جڪڙجي ويندا آهن. اهڙا ماڻهو جلدي ۽ حاضر نفعي جا پوڄاري بڻجي ويندا آهن. جتي سندن ڪو ذاتي غرض يا نفعو نظر ايندو اوڏانهن لڙهي پوندا. ڏاڍي جي خوشامد ڪندا ۽ لاچار، ڪمزور ۽ غريب تي پيا ظلم ڪندا. رڳو پيسي جي هوس هوندن. ناجائز ۽ حرام طريقي سان مال ملڪيت حاصل ڪرڻ ۾ رڌل هوندا. رشوت وٺڻ ۾ جهجهڪ ئي نه ٿيندن. ورياج کي پنهنجو پسنديده ڪاروبار بنائيون ويٺا هوندا. ۽ جيڪڏهن اجا وڏيڪ نٽر هوندو ته ٻين جو مال هڙپ ڪرڻ يا ڪسڻ ۾ به دير نه ڪندو. جنسي جذبو هر وقت سندس ذهن تي سوار هوندو آهي. نه صرف ايترو، بلڪ اهڙو انسان بزدل ٿي ويندو آهي. پوءِ حق ڳالهه ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي جذبي کان به محروم رهجي ويندو آهي.

اهڙن ماڻهن جي گهڻائي معاشري کي فتني ۽ فساد جو گڙهه بڻائي ڇڏيندي آهي. پوءِ اهڙي معاشري ۾ نه ڪنهن جي جان، مال ۽ عزت محفوظ رهندي آهي ۽ نه ئي وري ڪو معاشرو صحيح ترقي ڪري سگهندو آهي.

اهڙن عقيدن وارا ماڻهو قرآن پاڪ جي اصطلاح ۾ ڪافر چيا ويندا آهن، سندن ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهي ان ۾ هميشه رهندا. پر ان جي ابتڙ اسلام انسان کي هڪ مقصد ڏئي ٿو ۽ هڪ فلسفو ۽ زندگيءَ جو دستور عطا ڪري ٿو. ڪائنات ۽ انسان جي متعلق مقصديت ۽ حڪمت جي فڪر کي پيش ڪري انسان ۾ احساسِ خودي ۽ ذميداريءَ جي احساس کي پيدا ٿو ڪري ۽ ان سان گڏ ڪائنات ۽ انساني حياتيءَ جي پڇاڙي يا ”اجل اچڻ“ جو فڪر ڏئي ڪري انسان جي عملي قوتن کي متحرڪ ڪري ٿو.



ديني ۽ لاديني تصور حيات ۾ بنيادي فرق هي آهي ته ديني تصور ۾ انسان پنهنجو پاڻ کي هڪ خدا تعاليٰ جي ذات سان ڳنڍي ٿو. يعني زندگيءَجي تسلسل جي عقيدي ۽ عملن جي طبعي نتيجن جي نظريي کي پنهنجي زندگيءَ جو محور بڻائي هڪ مقصد ڏانهن ارتقائي وکون کڻندو وڃي ٿو.

لاديني تصورِ حيات، انساني زندگي کي بس ڪجهه ڏينهن تائين محدود ٿو رکي. ان وٽ ڪاميابي ۽ فلاح جو معيار دولت، مرتبو، عيش و عشرت آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن فڪر جا پوئلڳ روپيا ۽ دولت گڏ ڪرڻ، جسماني ضرورتن ۽ حيواني لذتن جي پويان ڊوڙندڙ ۽ ٻين جي حقن تي قبضو ڪندڙ هوندا آهن. اهي ماڻهو معاشري جي فساد جي جڙ هوندا آهن. اهڙا ماڻهو هڪ ”زنده لاش“ وانگر آهن جو پاڻ به پيو سڪندو ۽ سڙندو رهندو آهي ۽ پنهنجي چوڌاري به ڌپ ۽ گندگي پيو پکيڙيندو رهندو آهي.

ديني فلسفي جو مطلب هي آهي ته ماڻهو خود غرضي ۽ ذاتي مفاد کان پاڻ کي مٿانهون ڪري هڪ خالق جي رفاقت سان پاڻ کي ڳنڍي ڇڏي ۽ ان جي اڳيان جوابده هئڻ جو جذبو هر وقت اندر ۾ بيدار رهي.

ٻين لفظن ۾ ته لاديني تصور تنگ نظري ۽ خود غرضي جي ٻج کي دل جي دنيا ۾ ڦٽائي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ انسان جا عمل ۽ ڪم خراب ٿي پون ٿا. پوءِ اهي جراثيم هڪ وبائي مرض جيان پوري معاشري جي انسانن ۾ پيهي ويندا آهن.

جيئن ته هر شخص ۽ هر گروهه جو ذاتي مفاد، عام طور تي ٻين کان مختلف ٿيندو آهي، تنهن ڪري ان جو نتيجو، معاشري ۾ جهيڙن جهٽن، فتنن فسادن ۽ اخلاقي انارڪي ۽ انتشار جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. نتيجي ۾ ملڪ تباهيءَ جي ڪناري تي وڃي پهچندو آهي. ڇو ته حالتون هميشه هڪجهڙيون نه رهنديون آهن.

جيستائين ڏن ۽ دولت خوب ملي ٿي، سمنڊ صاف آهي، آسمان صاف آهي، هوائون موافق رخ ۾ سفر ڪري رهيون آهن ته ماڻهو خوب موجن ۽ مستين ۾ هوندو، پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن سمنڊ ۾ طوفان اچي ويو. تيز لهرن جو سلسلو شروع ٿي ويو، هوائون مخالف طرف گهلڻ لڳن پوءِ ته ان ماڻهو جي حالت اهڙي وقت ۾ رحم و ڪرم جوڳي ٿي پوندي آهي.

جڏهن ماڻهوءَ جون خواهشون ۽ حسرتون پوريون نٿيون ٿين ته ان وقت اهو هڪ وحشي درندي وانگي ظلم ۽ ڏاڍ تي لهي پوندو آهي ۽ ان جي اجتماعي شڪل ڏاڍي خوفناڪ بڻجي پوندي آهي. پر جيڪڏهن ماڻهوءَ جو دنيا واري حياتي مقصد ئي نه هوندي ته اهو پريشان ئي نه ٿيندو. ۽ جيڪڏهن وقتي مصيبتن منهن به ڪڍيو ته به الله جي رحمت ۾ اميد جي رسيءَ کي مضبوط جهلي ڪري ٻين جي حقن تي ڌاڙو نه هڻندو. ڇو ته الله تي ايمان صحيح تحفظ ڏئي ٿو.

ديني ۽ لاديني تصورِ حيات ۾ هڪ ٻيو بہ فرق آهي، جنهن کي نظرياتي طور تي شايد ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪيو وڃي پر بهرحال عملاً اهو ضرور نظر اچي ٿو. اهو آهي هڪ خدا کان وڌيڪ خدائن کي تسليم ڪرڻ.

ڪيترا ماڻهو زبان سان تہ هڪ جو نالو وٺندا آهن پر پنهنجي عملي زندگي ۾ الله تعاليٰ جي حڪمن کي پاسي تي رکي ڪري پنهنجي نفس جا غلام بڻيل هوندا آهن ۽ ٻين جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ الله جي حڪمن کان منهن موڙيندا رهندا آهن.

الله جي حڪمن ۾ جيڪڏهن پنهنجو ذاتي نفعو هوندن تہ اوڏانهن ويندا پر جي ان ۾ ڪو ذاتي نقصان نظر ايندن تہ آسانيءَ سان پنهنجو موقف تبديل ڪري ڇڏيندا. ڪڏهن الله جو حڪم مڃيندا تہ ڪڏهن نفس جو. انهن جي باري ۾ آهي تہ انهن پنهنجن خواهشن کي خدا بڻائي ڇڏيو. اهو حقيقت ۾ شرڪ آهي ۽ شرڪ جي باري ۾ آهي تہ: ”ان کي خدا تعاليٰ ڪڏهن بہ معاف نہ ٿو ڪري“ (النساء-48)

اصل ۾ شرڪ انسان جي شخصيت کي تقسيم ٿو ڪري ڇڏي. تنهن ڪري نہ ان انسان جي تعمير ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ئي وري ڪو اهڙو انسان معاشري لاءِ سنو ثابت ٿي سگهي ٿو.

قرآن پاڪ جي مطابق: ”شرڪ ڪندڙ جا سڀ عمل ضايع ٿي وڃن ٿا.“ (الزمر:65)

تنهن ڪري صحيح ديني تصور هي آهي تہ الله کي هڪ ڪري مڃجي ۽ هڪ جو ٿي ٿي ڪري رهجي. ديني تصور جو نچوڙ ٻہ شيون آهن: (١) الله تي ايمان ۽ آخرت تي يقين. الله تي ايمان سان زندگيءَ کي محور ۽ مقصد حاصل ٿئي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ انسان ڏکا ۽ ٿاٻا کائڻ کان بچي ڪري هڪ مضبوط رسي کي وڃي پڪڙي ٿو. ۽ (٢) ٻيو آخرت تي ايمان. يعني زندگيءَ جي تسلسل ۽ عملن جي نتيجن تي يقين. زندگيءَ جي تسلسل جو عقيدو انسان ۾ ابديت جي احساس کي پيدا ٿو ڪري ۽ عملن جي نتيجن جي عقيدي سان عملن ۾ قوت ۽ وزن پيدا ٿيندو آهي ۽ ماڻهو نفساني خواهشن جي اونداين کان بلڪل محفوظ رهندو آهي.

اهو ئي ”دين قيم“، دين واصب ۽ دين حنيف آهي. هيءُ ئي العروه الوثقي آهي. اهو ئي اسلام آهي جنهن جو احساس هر شخص جي شعور ۾ رکيل آهي. تنهن ڪري ان کي دين فطرت بہ چيو ويندو آهي. جنهن جي يادگيريءَ لاءِ پيغمبر ايندا رهيا ۽ آخر ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم ڪمال جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. اها ئي بنيادي شيءِ آهي جنهن ڪانسواءِ نہ انفرادي ڪردار جي تعمير ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ئي وري اجتماعي ڪردار- مستحڪم بڻجي سگهجن ٿا.

هر پيغمبر پنهنجي معاشري جي ذهني صلاحيت مطابق انهن اصولن تي شخصيت جي نشو و نما ڪئي ۽ انهن جي بنياد تي پنهنجو اجتماعي پروگرام پيش ڪيو ۽ اهي پيغمبر پاڻ ان جا عملي نمونا هئا. نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جيئن تہ نئين دور جي ابتدا ۾ جلوه گر ٿيا. (بلڪ حقيقت هي آهي تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم ئي نئين دور جي



دروازي کي کوليندڙ آهن. ڇو تہ تجرباتي علم، جيڪو موجوده سائنس جو بنيادي اصول آهي، سڀ کان اڳ ۾ قرآن متعارف ڪرايو.)

تنهن ڪري پاڻ صلي الله عليہ وسلم نہ صرف ”الدين“ جي بنيادي اصول توحيد تي زور ڏنو پر هڪ اهڙو پروگرام بہ پيش ڪيو جيڪو مختصر ۽ آسان هجڻ سان گڏوگڏ جامع بہ آهي. جنهن ۾ انفرادي ۽ اجتماعي ڪردار جو ڪو بہ پاسو ٻاهر ناهي. اهڙو تہ متوازن آهي جو جنهن ۾ روح، عقل ۽ بدن ٽنهي جي گهرجن جو پورو جو پورو سامان صحيح طريقي ۽ ترتيب سان مهيا ڪيو ويو آهي. هي پروگرام اڄ جي سائنسي دور جي سمورين تقاضائن کي پورو ڪري ٿو يعني تجرباتي علم جي معيار تي پورو لهي ٿو ۽ سڌو سنئون عقل کي متاثر ڪري ٿو. هي پروگرام معاشري جي ننڍي کان ننڍي ۽ ابتدائي ضرورتن کي بہ سهڻي نموني پورو ڪري ٿو. ڪنهن رنگ، نسل يا جغرافيائي حد بندين ۾ محدود ناهي بلڪ هن ۾ پوري انسانيت جي تقاضائن کي سامهون رکي ڪري تجويز ڪيو ويو آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ عجيب هيءَ ڳالهہ تہ اهڙو تہ متوازن، جامع ۽ لچڪدار جو آخر تائين انسانيت جو ساٿ ڏئي سگهي ٿو.

ان جي مختصر تصوير هيئن چٽي سگهجي ٿي تہ هن پروگرام ۾ هر نسل، قوم توڙي رنگ واري انسان کي برابريءَ واري حيثيت حاصل آهي ۽ سندن بنيادي انساني حقن جي حفاظت جو مڪمل بندوبست آهي جنهن ڪري هو الله جي رنگ ۾ رنڱجي وڃن ٿا. محبت ۽ مساوات جا جذبا فردن جي ڪردارن ۾ هر وقت زنده رهن ٿا. بحيثيت انسان ڪير بہ ڪنهن کان گهٽ نٿو رهي. فڪر، سوچ، قول ۽ عمل جي آزاديءَ جو علمبردار آهي. انسانن ۾ اعليٰ اخلاقي جذبن کي پيدا ڪندڙ آهي. معاشي ۽ سماجي عدل ان جو بنيادي حصو آهي. علم جي آزادي ۽ ان جي حصول لاءِ اتساهڻ تعليم ان جي آهي. جو اهم خبر ۽ اهم هيءَ ڳالهہ تہ زندگيءَ کان ڪٽي نٿو، بلڪ عمل ۽ همت تي زور ٿو ڏئي ۽ حڪم ٿو ڪري تہ پنهنجن عملي صلاحيتن کي پنهنجي معاشري جي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ استعمال ڪيو.

۽ اهڙو تہ متوازن جو نہ اجتماعيت، انفراديت لاءِ رڪاوٽ بڻجي ۽ نہ ئي وري انفراديت، اجتماعيت کي ڪو نقصان ڏئي سگهي. اهو بدني ضرورتن تي زور ڏئي انسان کي رڳو جانور بڻائي نٿو ڇڏي. ۽ نہ ئي عقلي ڪاوشن کي ايترو طاقتور بڻائي ٿو جو روحاني زندگيءَ تي موت طاري ٿي وڃي. نہ ئي وري روحاني ڪوششن ۾ حد کان وڌي وڃي جو عقل ۽ عمل جو پلو هٿ مان نڪري وڃي. نہ قوميت، بين الاقواميت جي پاسي کي نظر انداز ڪيو آهي ۽ نہ بين الاقواميت تي ايڏو زور جو ابتدائي قومي ضرورتون پاسي تي هليون وڃن.

(اسلام اور تعمير شخصيت از ميان عبدالرشيد تان ورتل)

علامه عبدالله منهاس

# قرآن مجيد محققن ۽ ڏاهن جي نظر ۾

## قرآن مجيد سڀني آسماني ڪتابن ۾ بهترين ڪتاب

ڊاڪٽر موريس- جيڪو فرانس جو نالي وارو اهل قلم، مستشرق، عربي علوم جو ڄاڻو آهي، جنهن قرآن مجيد جو فرانسيسي ترجمو ڪيو هو. ان هڪ مضمون ۾ جيڪو هن موسيو سالمان جي اعتراضن جي جواب ۾ لکيو هو. چوي ٿو ته

قرآن ڇا آهي؟ قرآن جيڪڏهن ڪا اهڙي منقبت ٿي سگهي ٿي جنهن ۾ ڪنهن طرح جو نقص نه ڪڍي سگهجي ته اها آهي قرآن جي فصاحت ۽ بلاغت. اهڙي عظيم الشان فضيلت جنهن تي چاليهه ڪروڙ انسان فخر ڪري رهيا آهن. اها آهي مقصدن جي بهتري ۽ مطلبن جي خوش اسلوبي. ان اعتبار سان هي ڪتاب سمورن آسماني ڪتابن تي بلند حيثيت رکي ٿو. بلڪ اسان چئي سگهو ٿا ته قدرت جي ازلي ۽ ابدي عنايت جيڪا انسانن لاءِ خدا جي طرفان ٿي سگهي ٿي، ان ۾ هي ڪتاب بهترين عنايت آهي. هن ڪتاب جا نغما انسان جي ڀلائي ۽ ڪاميابي لاءِ يونان جي فلسفين کان وڌيڪ حيثيت رکن ٿا. هن ۾ آسمان ۽ زمين جي پيدا ڪندڙ جو حمد ۽ ثنا ڀرپور طريقي سان موجود آهي، خدا جي عظمت سان هڪ هڪ حرف ڀريل آهي. هر هڪ لاءِ ان جي صلاحيت متعلق رهنمائي موجود آهي. قرآن مجيد عالمن لاءِ هڪ علمي ڪتاب، لغت جو شوق رکندڙن لاءِ هڪ ذخيرهء لغات، شاعرن لاءِ عروض جو مجموعو ۽ شريعت ۽ قانونن جي هڪ انسائيڪلوپيڊيا آهي. سمورن آسماني ڪتابن ۾ جيڪي حضرت دائود عليه السلام کان جان تالموس جي عهد تائين نازل ٿيا آهن، انهن مان ڪو به هڪ هن ڪتاب جي هڪ سورت جو مقابلو به نٿو ڪري سگهي.

اهو ئي سبب آهي ته جو مسلمانن ۾ مٿئين طبقي جي ماڻهن ۾ جيتري قدر علم وڌندو وڃي ٿو، حقيقتن تي عبور حاصل ٿيندو وڃي ٿو ايتري قدر انهن جو هن ڪتاب سان تعلق به وڌندو وڃي ٿو. ان جي تعظيم ۾ واڌارو ايندو وڃي ٿو. ان جي عجائبات سان دلچسپي زياده ٿيندي وڃي ٿي. اهي آيتن مان فيض حاصل ڪن ٿا ۽ انهن سان پنهنجي ڪلام کي سينگارين ٿا. جيتري قدر انهن جي حيثيت بلند ٿئي ٿي ۽ خيالن ۾ صفائي ۽ سترائي اچي ٿي ته اوتري قدر هو قرآني آيتن سان مربوط ٿين ٿا. انهن جا سينا قرآن جي محبت سان پرجي وڃن ٿا. دل مان ڪتاب کي مقدس سمجهڻ لڳن ٿا. ٻين مذهبن جا جيڪي ڪتاب يا شريعتون موجود آهن، انهن متعلق مسلمانن جي رغبت نه هوندي آهي، نه ئي طلب جو جذبو. چو ته هو محسوس ڪري چڪا هوندا آهن ته سندن ڪتاب جي موجودگي ۾ هنن کي ڪنهن به ٻئي ڪتاب جي ضرورت ئي ڪانهي. هن جي فصاحت ۽ بلاغت هنن کي ساري جهان جي فصاحتن ۽ بلاغتن کان بي نياز ڪري ڇڏيو آهي. اها



ڳالهه حقيقت آهي ته هنن جي وڏن وڏن ليکڪن ۽ شاعرن جا ڪنڌ هن ڪتاب جي آڏو جهڪيل هوندا آهن. هن ڪتاب جا نوان نوان راز جيڪي هر وقت ظاهر ٿيندا رهن ٿا اهي ڪڏهن به ختم نه ٿيندا. مسلمان شاعر ۽ نثر نويس انهن کي ڏسندي سجدي ۾ ڪري پوندا آهن. قيامت تائين ان کي قابلِ فخر سرمايو ڄاڻندا آهن ۽ يقين ڪندا آهن ته فصيح ڪلام ۽ بلاغت جو هڪ موجون مارِيندڙ سمنڊ آهي.

موسيوريناش کي جيڪڏهن مسلم دنيا سان گهڻي واقفيت جو موقعو ملي وڃي ته ان کي جلد معلوم ٿي ويندو ته مسلمانن جو روشن خيال طبقو مذهب جي وڏي عزت ڪري ٿو. مذهبي آداب جو پابند آهي. هن جي حڪمن کان هو بي تعلق رهڻ نٿو گهري. نئين نسل جو هر فرد ۽ درسگاهن جا سمورا ڇوڪرا، هن مقدس صحيفي جي شان ۾ توهين جو هڪ لفظ به برداشت نٿا ڪري سگهن. سچي ڳالهه اها آهي ته انهن کي اهڙي توهين برداشت ڪرڻ به نه گهرجي [1]

قرآن مجيد ۾ ٻه حيثيتون وڌيڪ چٽيون آهن. هڪ اها ته هي ڪتاب سڀني آسماني ڪتابن تي ترجيح رکي ٿو ۽ هن جي نسبت پيغمبر اسلام سان يقيني آهي، ان ۾ ڪنهن کي به شڪ ناهي. ٻيا ڪتاب تورات، انجيل پيغمبرن کان ڪٽيل آهن. ٻيو ته قرآن مجيد ذريعي عربي ٻولي جي حفاظت ٿي وئي آهي. عربي ٻولي ئي سندن دين جو ماخذ آهي. انڌيري کي زائل ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب وڏو مددگار آهي.

ڪا به شيءِ عيسائي دنيا کي گمراهي جي ڪڏن مان ٻاهر نٿي ڪڍي سگهي سواءِ انهيءَ آواز جي جيڪو غار حرا مان ٻاهر نڪتو. انهي آواز دنيا ۾ تهلڪو مچايو ۽ عملي انداز ۾ انسانن کي سکيا ڏني، جنهن کان بهتر تعليم وري اڄ تائين سامهون نه آئي آهي. ڊاڪٽر گاڊ فري درست چيو آهي ته پاڪ شيءِ نه پاڻي آهي نه تبرڪ، نه مورت نه تقرير. انهي ڪتاب تي ڪو به داغ نٿو لڳائي سگهجي. جيڪو چوي ٿو ته ايمان عمل کان سواءِ معتبر ناهي. موت جي وقت توبه قبول ناهي ۽ لڪل اقرار ڪارآمد نٿو ٿي سگهي.

## قرآن مجيد جو مثبت اندازِ فڪر

ڊاڪٽر اسٽين گاس نامور محقق ۽ مصنف لکي ٿو ته:

قرآن مجيد انهن عظيم ڪتابن مان آهي جيڪي لکت ۾ سامهون آيا آهن. هن ۾ هڪ عظيم ترين انسان جي زندگي ۽ سيرت جو عڪس آهي. قرآن جي خاص خوبي هن جي عالمي صداقت ۾ ڇپيل آهي. اهو به صحيح آهي ته حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي سچائي، حقيقت جي تلاش ۾ سرگرمي، صداقت جي حاصل ڪرڻ ۾ استقامت ۽ اِستقلال هن پيغمبر ﷺ جي نبوت تي وڏو دليل آهي.

لُڊف ڪرهل چوي ٿو ته:

قرآن مجيد عقيدن ۽ اخلاق تي ٻڌل قانونن جو هڪ مڪمل ضابطو پيش ڪري ٿو.

---

[1] ڊاڪٽر موريس جي انهي خراج تحسين کي اسان جو نئون نسل غور سان پڙهي. دنيا کي جيڪو اسان لاءِ سنو گمان موجود آهي ڇا اڄ به اسان ان تي قائم آهيون؟ ڪاش اسان ائين ٻڌجي وڃون جيئن اسان لاءِ ٻيا ماڻهو سوچين ٿا! (مترجم)

هن ڪتاب ۾ وسيع جمهوريت لاءِ آئين، رشد ۽ هدايت جا اصول، انصاف ۽ عدالت لاءِ ضابطا، فوجي تنظيم ۽ تربيت جون سمجهاڻيون، ماليات، غريبن ۽ مسڪينن لاءِ قانون سازي جا بنياد رکيا ويا آهن. انهن جو بنيادي پٿر ذات خداوندي جو اعتقاد آهي. جنهن جي قبضي ۾ انسانن جي قسمت رکيل آهي. جنهن ڪتاب ۾ ايڏا اهم مقصد رکيا ويا هجن اتي ترتيب قرآن ڪي مجموعي طرح جاچڻ جو معيار، هر مسئلي جي خصوصيت ۽ نوعيت جي لحاظ ڪان مختلف هوندو . مثلاً توحيد جي صداقت لاءِ انتهائي بليغ ۽ پاڪيزه انداز اختيار ڪيو ويو آهي. خدا جي حڪم جي آڏو مٿو جهڪائڻ، ان ڪان سرڪشي ۽ بغاوت ڪرڻ جي نتيجن ڪي بيان ڪرڻ ۾ خطيبانه بلند آهنگ ڪان ڪم ورتو ويو آهي. پيغمبر جي حوصلا افزائي، يا تسلي جي ضرورت محسوس ٿي يا ماڻهن ڪي اڳين پيغمبرن جي واقعات جي ذريعي آگاهي ڏيڻ جي حاجت سامهون آئي ته انتهائي سنجيدگيءَ ۽ متانت ڪان ڪم ورتو ويو. جتي روزانه واري زندگي ڪي نئين مذهب سان جوڙڻ جي ضرورت پيش ايندي آهي ته قرآن مجيد زبان، ضرورت ۽ حاجت ڪي سامهون رکي مناسبت پيدا ڪندو آهي. ان ڪري قرآن مجيد جي وصفن ڪي هڪ ادبي تاليف جي تور ڪيل اصولن ۽ ضابطن جي ڪسوٽي تي نٿو پرکجي سگهي، بلڪ انهن جي نتيجن ڪي اعتبار ۾ آڻي جاچڻ گهرجي جيڪي نتيجا پيغمبر جي همسفر ساٿين ۽ انهن جي هم وطن انسانن ۾ پيدا ٿيا.

جيڪڏهن هي ڪتاب ايترو اثر وارو ۽ تبديل ڪندڙ هو جو مرڪز ڪان گريز ڪندڙ ماڻهو، پاڻ ۾ جهيڙن ۽ جهڳڙن ۾ هميشه الجهندڙ گروهه، هڪ مرڪزي قيادت ۾ ڳنڍجي ويا، هڪ ٻي ۾ ڪير ڪنڌ تي ويا، هڪ ٻي تي قربان ٿيندڙ بڻجي ويا ۽ انهن جا خيال اهڙا تبديل ٿي ويا جو اڳي ڪان گهڻو مختلف ۽ ترقي پسند شمار ٿيڻ لڳا ته پوءِ هن ڪلام جي فصاحت، بلاغت ۽ اثر پذيري جي ڪهڙي ڳالهه ڪئي وڃي. مختلف وحشي قومن مان هڪ مهذب قوم تيار ٿي وڃي. تاريخ جي قديم هلندڙ رشتي ۾ هڪ نئون نسل سامهون اچي وڃي. هڪ ڪتاب ايتري قوت رکي جو هو عقل ڪي حيرت ۾ وجهي، پڙهندڙن ۾ نئون جذبو ۽ جوش پيدا ڪري، جنهن جو شمار زماني ڪان نه صرف پري هجي بلڪ سڪيا ۽ عقل ڪان به نا آشنا هجي، هڪ تصنيف نه فقط مخالفتن جي پردن ڪي ئي چاڪ نه ڪري بلڪ همدردي، آشنا ۽ چاهت جا درياءَ وهائي ڇڏي. بلاشبه اهڙي تصنيف خدا جي تعجب انگيز شين مان هڪ آهي. انساني تقديرن ڪي ڦيرائڻ لاءِ اهڙي تصنيف حق رکي ٿي ته ان تي پورو توجهه ۽ غور ۽ فڪر ڪيو وڃي.

### قرآن مجيد بي عيب ڪلام

جارج سيل جهڙو نقاد ۽ متعصب شخص قرآن مجيد لاءِ لکي ٿو ته:

قرآن مجيد عربي زبان جو بهترين ۽ مستند ڪتاب آهي، جيئن مسلمانن جو عقيدو آهي. هي ڪتاب انهن لاءِ تعليم جو بنياد آهي. ڪو به انسان اهڙو ڪتاب ناهي نه ٿو سگهي. هي ڪتاب مستقل طرح معجزو آهي. جيڪو مئل انسانن ڪي جيارڻ ڪان وڌيڪ معجزي جي حيثيت رکي ٿو. فقط اهو ڪتاب ئي پنهنجي آسماني هجڻ جو يقين دنيا ڪي



ڏياري سگهي ٿو. حضرت محمد انهي معجزي جي بنياد تي ماڻهن ڪي اپيل ڪندو هو ته هو ان ڪي سچو پيغمبر تسليم ڪن. حضرت محمد عرب جي فصيح ۽ زبان جي ڄاڻو انسانن ڪي چئلينج ڪيو هو ته هن ڪتاب جهڙي هڪ آيت ٺاهي ڏيکارين جيڪا هن جي مشابهه هجي. مان گهڻن مثالن مان فقط هڪ مثال پيش ڪندس ته عرب جو تمام وڏو فصيح ۽ بليغ شاعر لبيد بن رابعه، جنهن جو هڪ نظم ڪعبة الله جي دروازي تي ٽنگيل رهندو هو. ڪن بلند معيار تي پهتل قصيدن ڪان سواءِ ڪنهن ڪي به اها عزت نه مليل هوندي هئي ته ان جي ڪلام ڪي ڪعبي جي دروازي تي لڳايو وڃي. ان موقعي تي جڏهن قرآن مجيد جي آيت لڳائي وئي ته لبيد ان آيت ڪي پڙهڻ سان چئي ڏنو ته هي انساني ڪلام ناهي. هي ته خدا جو ڪلام ئي ٿي سگهي ٿو. پوءِ هن پيغمبر تي ايمان آندو ۽ چوڻ لڳو ته پيغمبر ڪانسواءِ ٻيو ڪو به شخص اهڙو ڪلام پيش نٿو ڪري سگهي. قرآن مجيد جي عبارت فصيح ۽ خوبصورت آهي، خاص طرح جڏهن الله تعاليٰ جي عظمت ۽ صفتن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي ته ان جي فصاحت ڪي چار چنڊ لڳي ويندا آهن. هر پڙهندڙ ڪي ان صحيفي ۾ ڪيترائي مثال ملندا. منهنجو ترجمو اگرچه متن جو اصل مفهوم ادا نٿو ڪري سگهي پر تنهن هوندي به مون محنت سان ترجمو ڪيو آهي جنهن مان نتيجي تي ڪجهه قدر پهچي سگهجي ٿو.

### قرآن جو انداز سحر ڪندڙ آهي

ريورنڊ جي ايم راڊويل، جنهن قرآن مجيد جو ترجمو ترتيب نزولي مطابق ڪيو آهي. هڪ متعصب پادري آهي پر ايتري قدر تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهي ته "قرآن مجيد جي تعليم سان ٻهراڙي جا اڻ پڙهيل ماڻهو اهڙي طرح بدلجي ويا جڻ انهن تي ڪنهن جادو ڪيو هجي. بت پرستي ڪي مٽائي، جنن ۽ مادي شين جي شرڪ ۾ مبتلا ماڻهن ڪي الله جي عبادت واري رستي تي آڻڻ، ٻارن ڪي مارڻ واري جاهلانه رسم ڪي نابود ڪرڻ، وهمن جي مريضن ڪي شفا ڏيڻ ۽ عورتن جي متعلق هڪ حد مقرر ڪرڻ ۾ بي شڪ قرآن مجيد هڪ نئين مخلوق ڪي جنم ڏيئي ڇڏيو.

### قرآن فاتح عالم

راڊويل صاحب جو چوڻ آهي ته قرآن مجيد الله تعاليٰ جي سڃاڻپ وحدانيت، پالڻهار، عالم الغيب ۽ قادر مطلق جي حيثيت سان جنهن طرح ڪرائي آهي، ان سبب هو نهايت تعريف جو حقدار آهي. اهو تسليم ڪري سگهجي ٿو ته قرآن ڪي صرف خداوند قدوس تي ڀرپور ۽ گهرو يقين آهي. ان ۾ وڏي لڪل صداقت آهي. اها اهڙن لفظن ۾ بيان ڪئي وئي آهي جيڪا طاقتور ۽ الهامي حڪمت تي ٻڌل آهي. قرآن مجيد ثابت ڪيو آهي ته ان ۾ اهڙا اصول سمجهايا ويا آهن جن تي طاقتور قومون ۽ ملڪن ڪي فتح ڪندڙ رياستون قائم ڪري سگهجن ٿيون، بشرطيڪ انهن تي سچائي سان عمل ڪيو وڃي. قرآن مجيد جي تعليم جو اهو نتيجو آهي ته هڪ جزيري ۾ جيڪو سرسبز ۽ خوشحال نه هو جيڪو افلاس ۽ جهالت ۾ ڪمال تي پهتل هو. اهو معاشرو هڪ نئين مذهب جو پرجوش ۽ سچو پيروڪار بڻجي ويو. اهي ماڻهو ڪيترن شهرن جا باني، ڪيترا ڪتاب گهر اڏيندڙ

ٻڌجي ويا. بغداد، قرطبہ، فطاط ۽ دهلي کي اها قوت ملي جنهن يورپ کي ڏڪائي ڇڏيو. ان طرح قرآن ۾ اها قوت موجود رهندي پئي اچي ۽ ان ۾ اهڙا اصول آهن جيڪي ان قوت پيدا ٿيڻ جو سرچشمو آهن ۽ ان قابل آهن تہ ان تعليم ۽ قانونن کي معاشرن جي تبديل ڪرڻ جو ذريعو بڻائجي. جهڙي طرح نازل ٿيڻ وقت قرآن اهو عمل ڪري ڏيکاريو.

## قرآن مجيد مسلمانن جو محافظ

پروفيسر ادورڊ مونتي پنهنجي ڪتاب "عيسائي مذهب جي اشاعت ۽ ان جا مخالف مسلمان" ۾ لکي ٿو تہ: جيڪڏهن لفظي ۽ تاريخي اعتبار سان شائستگي ۽ معقوليت جي معنائن کي اهميت ڏني وڃي تہ اسلام يقيني طرح هڪ معقول مذهب آهي. ان قاعدي جي مطابق جيڪو دليلن جي بنياد تي قائم ڪيل اصولن تي مذهبي عقيدن جو بنياد رکي ٿو تہ اسلام هڪ معقوليت جي تعريف تي پوري طرح ٺهڪي اچي ٿو. هي سچ آهي تہ حضرت محمد صاحب- ذوق انسان ۽ قوي جذبو رکندڙ شخص هو. هن جي دل جو آئينو ايمان جي روشني ۽ ڪامل يقين سان منور هيو. حضرت محمد، انهي روشني سان پنهنجن گهڻن پيروڪارن جي سينن کي روشن ڪيو. حضرت محمد، اصلاح جي آئين کي الهام جي طور تي ماڻهن جي آڏو پيش ڪيو پر اهو الهام هڪ قسم جو ڪشف هو. سندس مذهب پوري جو پورو اهڙن اصولن جو مجموعو هيو جيڪي عقل ۽ شعور تي پورو لهن ٿا.

مسلمانن جي عقيدي کي مختصر طرح هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو تہ خدا تعاليٰ هڪ آهي. ان جو رسول برحق آهي. ان طرح اسلام مختصر طرح توحيد ۽ رسالت يا خدا ۽ عاقبت جي ٻن اصولن تي قائم آهي. هن تعليم جي سادگي ۽ صفائي ۾ حيرت انگيز قوت موجود آهي. قرآن مجيد مسلمانن جو هر دور ۾ ماويٰ، ۽ ملجاء ۽ محافظ رهيو آهي. توحيد جو مسئلو اهڙي نفاست، اهڙي جلال ۽ جبروت سان ۽ ڪامل يقين سان بيان ڪيو ويو آهي جو اسلام ڪانسواءِ ٻي ڪنهن مذهب ۾ ان جو مثال نٿو ملي سگهي. هڪ اهڙو مذهب جيڪو روحانيت جي وهمن ۽ پيچيدگين کان بالڪل پاڪ ۽ صاف هجي اهو آساني سان هر هڪ جي دل ۾ سمائجي سگهي ٿو. ان ۾ هڪ معجزانہ صلاحيت هر وقت موجود رهي ٿي. اها اسلام جي اصل طاقت آهي.

## قرآن مجيد ذريعي ساري جهان جي حڪمراني

موسيوليون روش فرانسيسي حڪومت جو هڪ نهايت معتمد ماڻهو رهيو آهي. هن کي حڪومت فرانس امير عبدالقادر الجزائري تي جاسوس مقرر ڪيو هو. ڪيس چيو ويو تہ هو مسلمان ٿي رهي. اهڙو طريقو ڪدي جو هن تي پورو اعتماد ڪيو وڃي. ان ايئن ئي ڪيو ۽ نهايت ڪامياب ويو. مسلمانن جي ملڪ ۾ ٽيهہ سال ڪن رهيو. ان دوران عربي ٻولي، ان جا فن، اسلام ۽ ان جا سمورا علم سکي پڙ ٿي ويو. الجزائر، تونس، مصر، حجاز ۽ قسطنطنيہ جهڙن مشهور مسلم ملڪن جا دورا ڪري، انهن جي حالتن کان پوري ڄاڻ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ آخر ۾ هن هڪ ڪتاب لکيو جنهن جو نالو هو "اسلام ۾ ٽيهہ سال" ان ڪتاب ۾ هو لکي ٿو تہ:

مان هڪ ڊگهو عرصو اسلام کي ان ڪري پاڻ تي مسلط رکيم تان تہ امير عبدالقادر



ڪي فرانسيسي حڪومت جي چال ۾ ڦاسايان. مان ان حيلي سازي ۾ ڪامياب ٿيس. امير مون کي وڏي اعتماد سان پنهنجو سيڪريٽري بڻايو. مان هن دين اسلام کي جنهن کي اسان جا گهڻا ماڻهو معيوب نظر سان ڏسن ٿا. پر مان دل جي ڄاڻ سان سمجهان ٿو تہ هي سمورن دينن کان بهتر دين آهي. هي هڪ انساني، طبعي، اقتصادي ۽ ادبي دين آهي. اسان جي ٺاهيل قانونن ۾ ڪو بہ اهڙو قانون مون کي ياد ناهي جيڪو قرآن جي شريعت ۾ موجود نہ هجي. مان ان قانون کي بہ ڏٺم جنهن کي "جول سيمون" شريعت طبعيہ جو نالو ڏئي ٿو، ان کي بہ مان ايئن محسوس ڪيم تہ اهو سمورو شريعت اسلامي کان ورتل آهي. پوءِ مان اها ڳالهہ تلاش ڪيم تہ مسلمانن ۾ ان دين جي اثر انگيزي ڪيتري آهي. تہ ڏٺم تہ دين هنن کي شجاعت، بهادري، بردباري، خاڪساري، سخاوت ۽ ڪرم نوازي سان ڀري ڇڏيو آهي. بلڪ مان انهن کي ڀلائي، مهرباني ۽ احسان ڪرڻ ۾ انهن مقدس نفسن وانگر محسوس ڪيو جنهن جو تصور فلسفي دانشور اهڙن عالمن لاءِ ڪندا آهن جيڪي شرارت، بيهودگي ۽ بدديانتي کان قطعي طرح ناآشنا هوندا آهن. مسلمان هڪ سادو شخص هوندو آهي. جيڪو ڪنهن کان بدگماني نہ ڪندو آهي. روزي جي تلاش ۾ ڪنهن حرام کي حلال نہ سمجهندو آهي. ان ڪري ئي هو بعض عيسائين ۽ اسرائيلين کان مال دولت ۾ ڪمتر سمجهو ويندو آهي.

مان اسلام ۾ ٻن اهم اجتماعي مسئلن جو حل محسوس ڪيو آهي. جنهن سڄي جهان کي پريشانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هڪ تہ قرآن مجيد اعلان ڪري ٿو تہ :
"انما المؤمنون اخوة " سڀ مؤمن اخوت (ڀائپي) جي رشتي ۾ مربوط آهن. ان سان اجتماعيت ۽ اشتراڪيت جو بهترين قاعدو وجود ۾ اچي ٿو. ٻيو تہ زڪوات هر مالدار تي فرض آهي. حڪومت جبري طرح رڪوات وصول ڪري غريبن ۽ مستحقن کي پهچائي. ان سان حڪومت فلاحي حڪومت بڻجي ٿي ۽ غربت جي ماحول کي مٽائي سگهي ٿي.

اسلام ڀلاين ۽ خوبين جو دين آهي. جيڪڏهن هن دين کي ڪي بهترين شخص ملي وڃن جيڪي اها تعليم ڏين. اها تربيت ڪن، ان طريقي جي رهنمائي ڪن جيڪا قرآن سيکاري ٿو تہ مسلمان اڄ ساري ڪائنات جا رهبر بڻجي سگهن ٿا ۽ هر ميدان ۾ سندن اڳرائي ٿي سگهي ٿي. پر مسلمانن جي معاشري ۾ اهڙا شيوخ پيدا ٿي ويا جن قرآن جي تحريف ڪئي يعني ان جي معنوي شڪل بدلائي ڇڏي، ان جي حُسن ۽ جمال کي مسخ ڪري ڇڏيائون، ان ۾ پنهنجي طرفان نيون نيون شيون پيدا ڪري وڌيون ويون.

مان سچ ٿو چوان تہ مان قيروان، اسڪندريہ ۽ مڪي ۾ اهڙن ڪيترن مرشدن ۽ مولوين کي چند ٽڪن تي گمراهہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس جن شخصن الجزائر جي مسلمانن کي اهڙيون فتوائون لکي موڪليون تہ انهن تي فرانسيسي حڪومت جي اطاعت ڪرڻ واجب آهي ۽ ان جي خلاف سازش ڪرڻ حرام آهي. هي بہ لکيو تہ فرانسيسي حڪومت مخلوق لاءِ خدا پاڪ جي وڏي نعمت آهي. ان قسم جي فتوائن حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي ڪا وڏي تڪليف ڪا نہ ڪرڻي پئي فقط سون جا چند ٽانو انهن جي خدمت ۾ پيش ڪيم.